

# اوندھم لاث

شیخ عبدالحلیم جوش

# اونده ۾ لاٽ

شيخ عبدالحليم جوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | اوندهہ ۾ لاٽ |
| سرجٺهار: | شيخ عبدالحليم جوش |
| پهريون ڇاپو: | 2009ع |
| ڪمپوزر: | فهيم احمد سولنگي |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | نديم احمد سولنگي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ملهہ: | 100 رپيا |

Address
Flat: A-403, Madina Blessings
Rashid Minhas Road,
Near Alaudin Park,
Gulshan-e-Iqbal, Karachi
Phone:4662893

# فهرست


- پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ جا تاثرات 7
- حال احوال- ش. ع. ج. 9
- شاعري آهي آرسيءَ وانگر- امداد حسيني 13
- جوش جوفن ۽ ادبي پس منظر- تاج بلوچ 25

حمد ۽ نعت 33

غزل 41

نظم ۽ گيت 87

ٻارن جي ٻاري 103

چؤستا 109




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

پنهنجي شفيق والد ۽ مهربان استاد

**شيخ عبدالله عبد** مرحوم

جي نالي، جنهن جي ٿورن جي ياد منهنجي زندگيءَ جو عزيز سرمايو آهي. سندن علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتون ڪنهن به تعارف جون محتاج ڪينهن.

نيازمند

شيخ عبدالحليم جوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ظاهر نہ ٿيو ڪنهن تي اهو راز آهيان
پهتو نہ ڇپن تائين سو آواز آهيان
نغما تہ لُڇَن جنهن جي تُنَل تارن ۾
اي دوست پُڇين ٿو تہ اُهو ساز آهيان

(جوش)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرحوم پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري جا تاثرات

## شيخ عبدالحليم جوش
(1 مارچ 1932)

"شيخ عبدالحليم سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نقاد شيخ عبدالله عبد جو فرزند آهي. هن ڪراچيءَ جي نوآباد محلي ۾ اک کولي، جتي سندس والد جي اسڪول ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. ڪيس ننڍي هوندي کان پنهنجي والد ۽ ٻين سنڌ جي چوٽيءَ جي شاعرن جي صحبت حاصل ٿي جنهن سندس طبع ۾ شاعريءَ لاءِ چاهه پيدا ڪيو. 1949ع ۾ تعليم سان گڏ لياري هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي ڪم ڪيائين جتان نوڪري ڇڏي سنڌ انفرميشن ڊپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيو ۽ ترقي ڪري ڊائريڪٽر انفرميشن جي عهدي تائين پهتو.

"جوش نه فقط ڪراچيءَ جي مشاعرن جي جان ليکيو ويندو هو پر ترقي پسند جماعت سنڌي ادبي سنگت جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو آهي.

"جوش بنيادي طرح غزل جو شاعر آهي. اڄ سنڌ جي نالي وارن شاعرن مان هڪ آهي. هن سنڌي غزل ۾ نه فقط نوان تجربا ڪيا آهن پر سنڌي غزل کي خيالن جا نوان گل ۽ رمزيت ۽ اشاريت جي خوشبو عطا ڪئي آهي جنهن ڪري سندس ڪلام ۾ شوخي ۽ لطافت پيدا ٿي وئي آهي. (سنڌي غزل جي اوسر – ص473)

نوٽ: ون يونٽ واري دور ۾ نوڪري سانگي، لاهور وڃڻ سبب مان ورڪنگ ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ شامل نه ٿي سگهيس- جوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حال احوال

شاعري ڇا آهي؟ ڪهڙي شاعريءَ کي معياري سڏي سگهجي ٿو؟ انهن سوالن جا ڍار ڍار جواب آهن ۽ هر ڪو جواب اڻپورو پيو لڳي. ائين چئي سگهجي ٿو ته جڏهن شاعر جي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ سوچ ۽ لوچ سان گڏ جذبا ۽ اڌما به شامل ٿي پون ۽ اظهار لاءِ مناسب لفظ ۽ دلڪش انداز به حاصل ٿي سگهي ته پوءِ جيڪي ڪجهه چيو وڃي تنهن کي شاعريءَ جو رنگ ۽ روپ سڏي سگهجي ٿو. ان اظهار کي شاعر پنهنجي لاڙي ۽ تجربي موجب ڪنهن گهاڙيٽي ۾ سمائي پيش ڪري ٿو. جذبن جي سچائي، ماحول جي عڪاسي، ۽ ڏکويل ماڻهن جي اميدن ۽ مايوسين جي ترجماني ۽ سندن همت افزائي، شاعريءَ کي بامقصد ۽ اثرائتو بڻائي ٿي.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته شاعري، سچ ۽ سونهن جي تلاش جو پيو نالو آهي. ائين ڪندي شاعر، سچائيءَ جي سونهن ۽ سونهن جي سچائيءَ کي لفظن جو لباس پهرائي ٿو.مان ائين چوڻ به ضروري ٿو سمجهان ته شعر چوڻ کان شعر کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ وڌيڪ مشڪل آهي ۽ شايد تکر ٽاڪڻ جي برابر.

سقراط کي جڏهن چيو ويو ته تون اٿينس جو وڏو دانشمند آهين ته هن وراڻيو ته شاعر جي نظر اهوکي محسوس ڪرائي ٿي جنهن کان هڪ فلسفي جي سوچ محروم آهي.

هن اهو به چيو ته اٿينس جا ڪي شاعر، پنهنجي چيل شعرن جي جملي خوبين کان اڻ واقف آهن. اِن ڪري پارکوءَ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور شاعر ۽ نقاد ٽي. ايس. ايليٽ ڪنهن موقعي تي چيو هو تہ ڪنهن نظم کي پهريون ڀيرو پڙهڻ سان تہ فقط لفظن سان واقفيت ٿئي ٿي ۽ ٻئي ڀيري پڙهڻ سان جڏهن مفهوم کي سمجهڻ جي شروعات ٿئي ٿي ۽ پوءِ پنهنجي فهم موجب نوان نوان مفهوم ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. ان ڪري ابهرائيءَ وچان شعر کي پرکڻ ڪانسواءِ رد ڪرڻ، شاعر سان بي انصافي ڪرڻ جي برابر آهي.

اوهين چئي سگهو ٿا تہ هڪ شاعر جي نظر بہ ڪنهن پارکوءَ جي اونهي نگاهہ کان گهٽ اهم ڪانهي. اهڙا شاعر جيڪڏهن اڻ لڀ ناهن تڏهن بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس هوندا. آفاقي شاعر تہ صدين ڪانپوءِ ئي پيدا ٿين ٿا جن کي هر دور جو ترجمان سڏي سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو وٺي سگهجي ٿو.

مان پاڻ بابت ايترو عرض ڪندس شاعريءَ جو ذوق مونکي پنهنجي والد مرحوم شيخ عبدالله عبد کان مليو جنهن غزل جي روايت کي اڳتي وڌائيندي، مختلف عنوانن تي نظم جي بہ شروعات ڪئي، ڪراچيءَ جي ننڍڙي وسندي نو آباد ۾ وڏن جي قائم ڪيل سنڌي اسڪول ۾ شام کان پوءِ مشاعرن ۽ مباحثن جون محفلون قائم ٿينديون هيون. انهن ميڙن ۾ نہ فقط ڪراچيءَ جا سنڌي اديب ۽ ماستر شريڪ ٿيندا هئا پر شاعرن جو بہ چڱو خاصو تعداد گڏ ٿيندو هو. سنڌ جي مختلف ضلعن کان ڪم سانگي ڪراچي آيل شاعر بہ انهن محفلن جي رونق وڌائيندا هئا. اڪثر ائين بہ ٿيندو هو تہ پري کان آيل ڪنهن مهمان شاعر جي مان ۾ چڱي خاصي گڏجاڻي ٿيندي هئي جنهن ۾ ڪيترائي مسلمان ۽ هندو علم دوست ۽ شاعر شريڪ ٿيندا هئا. منهنجي والد، انهن مشاعرن ۾ تنقيدي نشست جو بہ اضافو ڪيو جنهن ڪري چڱو بحث مباحثو ٿيندو هو ۽ مبتدي شاعرن جي ذهني، تربيت بہ جاري رهي ۽ منجهن پڙهڻ جو شوق بہ پيدا ٿيو.

آزاديءَ کان اڳ واري دؤر ۾ مان هڪ ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ خاموشيءَ سان ڪنهن ڪنڊ ۾ ويٺو هوندو هئس. نيٺ انهن شاعراڻي محفلن جي اثر کان پاڻ کي بچائي نہ سگهيس ۽ 1951 کانپوءِ ڪراچيءَ جي ادبي گڏجاڻين ۾ شامل ٿيڻ لڳس. جيتوڻيڪ اسڪول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واريون مجلسون ختم ٿي ويون پر ان ماحول جي اثر هيٺ ڪيتريون نيون ادبي انجمنون وجود ۾ آيون ۽ پوءِ ڪيترائي نوان ڏيئا روشن ٿيا.

ان ادبي ماحول جو تفصيلي ذڪر ڪيترن ئي اخباري مضمونن ۽ ڪتابن ۾ موجود آهي تنهن ڪري ان ڪي ورجائڻ ضروري نٿو سمجهان.

پڙهندڙن کي منهنجي ڪلام ۾ ڪي خاميون نظر اچن ته اهي منهنجيون خاميون ۽ ڪوتاهيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪن خوبين تي نظر پوي ته اهي وڏن شاعرن ۽استادن کان مليل فيض سبب ممڪن ٿي سگهيون آهن. منهنجي سکيا ۾ ڪيترن احترام لائق دوستن جو به حصو آهي جن ۾ مرحوم پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري سرفهرست آهن. سنڌي ادبي سنگت جي شروعاتي گڏجاڻين به مونکي گهڻو ڪجهه سيکاريو. خاص طور منهنجي مانائتي استاد ۽ ناميارِي اديب محترم محمد ابراهيم جويو جي خيال اياريندڙ ويچارن ۽ تبصرن مونسان گڏ گهڻن دوستن جي رهنمائي ڪئي.

مان ممتاز شاعر ۽ مشهور ادبي رسالي "سوجهرو" جي ايڊيٽر جناب تاج بلوچ ۽ ماناءِتي شاعر محترم امداد حسينيءَ جو ٿورائتو آهيان. جن منهنجي ڪلام بابت پنهنجا تاثرات لکي. منهنجي عزت افزائي ڪئي آهي.

جهونن ساٿارين ۾ مرحوم علي احمد اسير مرحوم تنوير عباسي، مرحوم لعل محمد لعل، مرحوم محمد حسين عادل، مرحوم علي محمد مجروح ۽ محمد حسن ساز کي وساري نٿو سگهان.

شعرن جي چونڊ ۽ ترتيب ۾ ڪا گهڻي جاکوڙ ڪانه ڪئي اٿم. فقط ايترو ڪيو اٿم جو حمد ۽ نعتن کانپوءِ، پوئين ڏهاڪي ۾ چيل غزل منڍ ۾ ڏنا اٿم. شروعاتي ٻن ٽن ڏهاڪن، 1952ع، 1953ع ۽ 1954ع ۾ چيل ڪيترائي غزل، نظم ۽ چوسٽا نظر انداز ڪيا اٿم. باقي جيڪي محفوظ هئا سي ڪتاب ۾ شامل ڪيا اٿم.

ون يونٽ واري دور ۾، لاهور، ديره اسماعيل خان، پشاور، راولپنڊي ۽ پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تائين ايندي، ڪيترائي سنا ڪتاب ۽ نوٽبڪ ضايع ٿيا، جن جو افسوس هينئر بي مقصد پيو لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ۾ مان پنهنجن گهرياتين جو بہ ٿورائتو آهيان جن منهنجي ڪلام نہ ڇپرائڻ بابت فيصلي کي بدلائڻ ۾ لاڳيتي ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ مونکي آڻ مڃڻي پئي. وقت جو ظالم هٿ تڙيل پکڙيل پنن تي پاتل ليڪن ۽ ٽٻڪن کي ميسارڻ ۾رهوند ويرم نہ ڪري ها.

مان دل جي گهراين سان، محترم آغا نور محمد پٺاڻ (ريجنل ڊائريڪٽر) پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ ڀاءُ نور احمد ميمڻ (سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي) جي مفيد مشورن ۽ غير معمولي تعاون لاءِ سندن هميشہ ٿورائتو رهندس. ٽائيٽل ڊزائين لاءِ ڀاءُ تاج بلوچ جو شڪر گذار آهيان.

وت ۽ وس آهر ڪوشش ڪئي اٿم. شال قبول پوي.

اوهان جو پنهنجو

**شيخ عبدالحليم جوش**

02_7_09



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعري آهي آرسيءَ وانگر

هر شاعر جي نياري سوچ آهي، الڳ مشاهدو آهي. مطالعي جا ماخذ ڌار آهن. دلچسپيون الڳ آهن. انوکا تجربا (موضوع، ٻولي، هيئت جي حوالي سان) مختلف آهن. ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته هن جي پيشڪش، هن جو اسلوب مختلف هوندو آهي. هُو تقليد کان وڌن وڃي ٿو. پوءِ ڪيتري ئي ڏکي ۽ اڙانگي سهي، هُو پنهنجي واٽ پاڻ ڳولي لهي ٿو يا اهڙي ڪوشش ڪندو ٿو رهي.

بهار ۾ جا گلن جي ٽاري
خزان ۾ سائي صليب آهي

اهي سِٽون اُن شاعر جون آهن، جنهن جو نالو ته حليم (عبدالحليم) آهي، جيڪو مائٽن هن تي رکيو پر هُن پنهنجو تخلص "جوش" رکيو. نالي (حليم) ۽ تخلص جو اهو تضاد شاعر ۽ شخص جي زندگيءَ ۾ پور-وچوٽ هلندو رهيو:

اوهان جي شهر ۾ اهڙو به آهه ديوانو
"حليم" آهه وري "جوش" پي سڏائي ٿو

شيخ عبدالحليم 1 مارچ 1932ع ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ شيخ عبدالله "عبد" به شاعر هو. مون "عبد" صاحب جو ڪجهه ڪلام درسي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي. سُڌ نه اٿم ته "عبد" صاحب جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ به آيو آهي يا نه؟ يا سندس ڪلام ڪٿي محفوظ به آهي يا نه!

"جوش" کي "شاعريءَ جو ذوق پنهنجي والد شيخ عبدالله عبد کان مليو" (حال احوال). "حال احوال" ۾ نوآباد بابت "جوش" لکي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪراچيءَ جي ننڍڙي وسندي نوآباد ۾ وڏن جي قائم ڪيل سنڌي اسڪول ۾ شام ڪان پوءِ مشاعرن ۽ مباحثن جون محفلون قائم ٿينديون هيون."

اها "آزادي" ڪان اڳ واري صورتحال آهي. ان ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟

"اسڪول واريون مجلسون ختم ٿي ويون." (حال احوال)

نہ رڳو اهي "اسڪول واريون مجلسون ختم ٿي ويون." پر گهڻو ڪجهہ ختم ٿي ويو! اهو اسڪول بہ اڃا تائين انهيءَ روپ ۾ آهي يا نہ؟ نہ رڳو ڪلاچيءَ جو ڪُن مورڙي جا پائر پُرڪائي ويو. پر ڪو مورڙو پيدا نہ ٿيو. جيڪو ان "متل مڇ" کي ماري سگهي! نہ رڳو ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سنڌي ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي رهيا آهن (يا ٿي چڪا آهن!) پر سڄي سنڌ جي صورتحال ساڳي آهي! "جوش" جا ڪجهہ نظم اهڙا آهن جن تي "سنڌ سان ويساهہ گهاتين" جي حوالي سان گهڻو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو. پر جيئن حليم ٻاڻ لکيو آهي تہ:

"شعر چوڻ ڪان شعر کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ وڌيڪ مشڪل آهي ۽ شايد تڪر تاڪڻ جي برابر آهي." (حال احوال)

سو اهي نظم بہ شعوري ڪوشش آهن. يا ممڪن آهي تہ "جوش" جونظريو اهو هجي، جيڪو ٻاڻ بہ ان جو شڪار رهيو ۽ هاڻ نوآباد بدران ڪنهن فليٽ ۾ قيد آهي! هن (اسان) کي پلئہ ڇاپيو:

عشق ۾ ڇا پلئہ پيو مون کي
بيوسي، بيرخي، اڪيلائي

"جوش" منهنجو سينئر همعصر آهي، ۽ هن جڏهن مون کي پنهنجي ڪلام تي لکڻ لاءِ چيو تہ مونکي خوشي ان تي بہ ٿي تہ هُن پنهنجي ڪلام ڇپائڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي; پر ان ڳالهہ کي ڪجهہ ڏينهن گذري ويا. پوءِ هڪ ڀيرو ساڻس ملاقات ٿي تہ ان حوالي سان ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ٻاڻ وري بہ ڪلام موڪلڻ جو واعدو ڪيائين. پر ان ڪان پوءِ وري ڪيترائي سج اُلٽا ـ اُڀريا، پر "جوش" سان ڪوبہ رابطو نہ رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي جڏهن سندس مواد مليو تہ "حال احوال" پڙهندي پتو پيو تہ هن ماڳهين ڪلام ڇپائڻ تان ئي هٿ کڻي ڇڏيو هو! ۽ سندس گهر ياتي انهيءَ فيصلي کي بدلائڻ جي لاڳيتي ڪوشش ڪندا رهيا ۽ ڪامياب ٿيا. ان لاءِ اسين سچ پچ بہ "جوش" جي گهرياتين جاٿورائتا آهيون. ۽ مواد جي پهچ لاءِ ڪيس فون ڪيم تہ هن پنهنجي ايڪسيڊنٽ بابت ٻڌايو ۽ اهو بہ تہ ان ڪان پوءِ ڪيس برين هيمرج ٿيو ۽ هاڻي ڊاڪٽر هن کي لکڻ پڙهڻ ڪان بنهہ منع ڪري ڇڏيو آهي! اهو ٻڌي ڏک ان تي بہ ٿيو تہ اسين پنهنجن همعصر شاعرن جي خبر چار ڪان ڪيترو نہ اڻڄاڻ آهيون! الاءِ ڪير، ڪهڙي ڪنڊ ۾ اڇلجي ويو آهي ۽ اسان کي ان جي ڪا پرواهہ بہ نہ آهي! پرنٽ ميڊيا/ اليڪٽرانڪ ميڊيا سڄي جڳ جهان جي خبرن کي اسان تائين پهچائين ٿا، پر پنهنجن شاعرن ۽ اديبن جي خبر نٿا پهچائين. اسين پاڻ بہ ذاتي طور پنهنجن همعصرن جي خبرچار، حال احوال کان غافل رهون ٿا. ان غفلت کي وڌائڻ ۾ گروهہ بندين جو بہ وڏو ڪردار آهي. هر گروهہ لاءِ ٻيو گروهہ قبوليت جوڳو نہ آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ادبي سطح تي بہ اجتماعيت اجاگر نہ ٿي سگهي. سماجي سطح تي بہ ان ڏس ۾ صورتحال انتهائي خراب آهي. "جوش" ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي انهن حالتن جو اکين ڏٺو شاهد آهي، خاص ڪري ڪراچيءَ جي حوالي سان هُو اسان کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائي پئي سگهيو پر هُن وٽ اهڙي ڪابہ assignment نہ هئي، نہ ئي هن کان اهڙو ڪو تفصيلي انٽرويو ورتو ويو. جيڪڏهن "جوش" ڪراچيءَ جي پسمنظر ۽ پيشمنظر بابت ڪو دستاويز لکي بہ ها تہ اُهو ڇپائي ڪير ها؟! انهن مسئلن تي لکڻ ۽ بحث ڪرڻ بہ اسين اجا نہ سکيا آهيون تہ عمل ڪرڻ تہ اجا بہ پوءِ جي ڳالهہ آهي. "جوش" پاڻ بہ ذاتي طور انهن عذابن مان گذريو آهي. اُهي ادبي سرگرميون نہ رهيون، اُهي ساٿي نہ رهيا، رڳو انهن جي ياد رهجي وئي بلڪ اُهي وسري نہ سگهيا.

"جهونن ساٿارين ۾ مرحوم علي محمد اسير مرحوم، تنوير عباسي، لعل محمد لعل، مرحوم محمد حسين عادل، مرحوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي محمد مجروح ۽ محمد حسن ساز کي وساري نٿو سگهان." (حال احوال)

مطلب تہ اسين ادبي توڙي قومي سطح تي آڳرين وانگر ڇڙوڇڙ آهيون۽ ڪڙي مُٺ نہ ٿي سگهياسين! ون يونٽ ۾ ۽ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ اهڙي ڪوشش بہ ٿي هئي، پر سياسي قوتن ان تحريڪ کي بہ يرغمال بنائي ورتو. اديبن بہ روايت پرستن ۽ ترقي پسندن جي نالي ۾ هڪ سنڌو پئجي ويو ۽ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي کي لوڻ ۾ پنهنجون توانايون صرف ڪيون. ان سان لڳي پٽي نقصان وري بہ سنڌي ٻوليءَ جو ٿيو. تنقيد محض غلط کي بہ صحيح، خراب کي بہ سٺو چوڻ جو فرض ادا ڪندي رهي. اهڙي صورتحال ۾"جوش"جهڙا شاعر، جيڪي ٻنهي ڌرين سان هئا بہ، نہ بہ هئا، يا پنهنجي دڳ تي هلي رهيا هئا. انهن پاڻ کي، ڪنهن بہ ڪارڻ، پاسيرو ڪري ڇڏيو يا انهن کي ignore ڪيو ويو "جوش" روايتي، ترقي پسند ۽ جديد دور ۾ لکندو رهيو آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ انهن ٽنهي دورن جا اولڙا پسي سگهجن ٿا.

"14_آگسٽ" واري نظم جي هڪ سِٽ آهي:

وطن مليو تہ ويو پر اڃا ڪٿي اي دوست

انهيءَ وطن جي ابوجهہ مارن لاءِ هُو دعا ٿو ڪري تہ:

خدا ڪري تہ سِکهو پاڻ کي سَکهو سمجهن.

پر انهيءَ سِٽ جو سرجيندڙ پاڻ اڄ اڱهو آهي ۽ اسين هُن لاءِ سَگهي ٿيڻ جي دعا گهرون ٿا. پر هُن جي شاعري اَگهي نہ آهي، هُن جي شاعري نہ رڳو سَگهي آهي، بلڪ اُها اڱهي سماج کي مدافعتي سَگهہ عطا ڪري، اُن کي سَگهو ڪري سگهي ٿي. اهڙي ڳالهہ "جوش" پنهجي "حال احوال" ۾ پڻ لکي آهي. سو پاڻ بہ اچو تہ "جوش" جي اُن سگهي شاعريءَ تي ڳالهايون.

"جوش" بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. ٻوليءَ گهاڙيٽي، پيشڪش جي لحاظ کان پڪو پختو شاعر آهي. هن جو ڪيترو ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي، جنهن جو ذڪر هُن "حال احوال" ۾ ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جيڪو ڪلام ضايع ٿيڻ کان بچيو آهي، اُهو توهان جي سامهون آهي. اهو يقيناً ٿورو آهي، پر معياري آهي. ”جوش“ پلپيءَ پت جاڻي ٿو تہ هُن جو قلم ئي هن جو هٿيار آهي، جيڪو سِر قلم ڪرڻ لاءِ نہ، بلڪ تخليق ڪرڻ لاءِ آهي:

منهنجو هٿيار ئي قلم آهي
تير مون وٽ نہ ڪوئي ڀالو آهہ

”جوش“ نہ رڳو موضوع جي صحيح چونڊ ڪري ٿو پر ساڳئي وقت فن کي بہ مقدم سمجهي ٿو ۽ ٻنهي کي هڪجيتري اهميت سان ورتائي ٿو. هن مجموعي ۾ نظم، غزل، قطعا (چَوسِٽا) شامل آهن. حمد، نعت ۽ ٻارن جا گيت پڻ شامل آهن. مون ”جوش“ کي بنيادي طور غزل جو شاعر سڏيو آهي، پر هن جا جيڪي ٿورڙا نظم هن مجموعي ۾ آهن، اُهي بہ اهم آهن (هڪ ٻن کي ڇڏي) خاص طور: نئون نياپو، وطن جو گيت، آزادي، منهنجو ديس، سنڌ جا سُڏڪا يا بينظير وارو نظم . اهي سڀ نظم سچي جا سچا quote ڪرڻ جهڙا آهن. انهن نظمن مان اسين رڳو ”نئون نياپو“ جي ئي مفهوم کي سمجهون ۽ ان تي عمل ڪريون تہ سنڌ جا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. ان نظم جي بنيادي theme ئي ”گڏجڻ“ آهي. اڄ جيڪي سنڌ جون، هن خطي جون ۽ سموري عالم جون حالتون آهن، انهن کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ انسانن جو گڏجڻ، رنگ ۽ نسل کي ختم ڪرڻ ضروري آهي، نفرت جي باهہ کي وسائڻ ضروري آهي. ”منهنجو ديس“ ۾ سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت کي ياد ٿو ڪري ۽ قلندر شهباز ڀٽائيءَ ۽ سچل، سسئيءَ ، مارئيءَ ۽ مومل جي ڪردارن جي حوالي سان موجوده دور جو منظر اسان آڏو پيش ڪري ٿو:

جتي ڪردار جوڪو قدر ناهي
جتي گفتار جي واڪاڻ آهي
اڃو تاريخ ۾ جهاتي تہ پايون
اسين ڇو پنهنجي ماضيءَ کي ڀلايون

هي ستون بہ انهيءَ نظم جون آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڙو پنهنجو ننڍو ڪوٽ ڏيجي
هتي اي دوست ڪڏهين زندگي هئي!

۽ شاعر تاريخ جي انهن مدفنن مان سبق حاصل ڪرڻ جي اسان کي مت ڏسي ٿو. اسان جي شاعرن هر دور ۾ ديس کي درپيش خطرن کان آگاهه پئي ڪيو آهي.

پر اسين انهن اناالحق جي صدائن کي ٻُڌو اڻ ٻڌو ڪري، سياسي نعرن تي پنهنجي وياسين ۽ نتيجو اسان جي آڏو آهي:

لطيفي لات سان معمور آهيون
لطيفي سوچ کان پر ڏور آهيون
اناالحق کو چوڻ وارو نه آهي
اصولن تي بيهڻ وارو نه آهي

"سنڌ جا سڏڪا" نظم جو آغاز ئي هنن سٽن سان ٿو ڪري:

سنڌ ياڳا تي وٺي شاهه جي سهڻيءَ وانگر
ڏونگرن ۾تي هلي هاڻ سا سسئيءَ وانگر
بند ۾ آهي اجا تائين سا مارئيءَ وانگر
مان نهاريان ته لڳي مونکي ٿي نوريءَ وانگر
انهيءَ نظم جي سٽن مان درد ڇُلي پئي ٿو:
سنڌ ۾ باهه ٻري ٿي، ڪو وسائي ئي نٿو
ڪو قبيلن ۾ وچي ٿاهه ڪرائي ئي نٿو

مجموعي ۾ جيڪي "چوَسِتا" ڏنا ويا آهن، اُنهن مان 9 قطعا جي صنف طور ٽه ـ ماهي "مهراڻ" جي "شاعر نمبر" ۾ ڇپيل آهن، انهن مان 3 قطعا هن مجموعي ۾ شامل نه آهن، اُهي مون الڳ پني تي لکي ڇڏيا آهن. ممڪن آهي ته ٽه ـ ماهي "مهراڻ" جي "شاعر نمبر" مان ڪجهه نظم ۽ غزل به رهجي ويا هجن ڏيڻ کان.مثال طور "علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ياد ۾" وارو نظم، ائين به ٿي سگهي ٿو ته "جوش" سڀ مواد نه موڪليو هجي! ان ريت بين هنڌن تي ڇپيل ڪلام سان به اها ڪار ٿي هجي! مثال طور ٽه ـ ماهي "مهراڻ" شاعر نمبر جو هي غزل:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي گردش روز و شب جي تنهنجو اندازِ نظر آهي
خفا آهين تہ شام آهي جي مُرڪين ٿو سحر آهي

۽ اُن غزل جو هي شعر:

حقارت سان نہ ڏس انسان ٿي انسان کي هرگز
ڀلي مفلس هجي عزت جي لائق هر بشر آهي

"جوش"، شاعريءَ جي حوالي سان، "حال احوال" ۾ مختصر پر ڪم جون ڳالهيون ڪيون آهن. C.D. Lewis پنهنجي ڪتاب A Hope for Poetry ۾ سريلي شاعريءَ جي سري هيٺ لکي ٿو تہ:

"شاعريءَ جي ماهيت کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ لاءِ ڪي بہ لفظ نہ ملي سگهيا آهن."

۽ اهو بہ لکي ٿو تہ:

"اُها هڪ روح آهي."

"جوش" فن (ڪهاڙيتي) ۽ مقصد جي ڳالهہ ڪري ٿو. ڏکويل ماڻهن جي ڳالهہ ڪري ٿو:

"ڏکويل ماڻهن جي اميدن ۽ مايوسين جي ترجماني ۽ سندن همت افزائي شاعريءَ کي بامقصد ۽ اثرائتو بڻائي ٿي."
(حال احوال)

مان سمجهان ٿو تہ "فن" ۽ "مقصد" هڪ ئي قلبي/روحاني ڪيفيت کي اظهارڻ جي ساڳي معنيٰ وارا بہ لفظ آهن. ترقي پسند شاعريءَ جي حوالي سان "افاديت" لفظ کي ڏاڍو استعمال ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو نعريبازيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. "جوش" حال احوال ۾ "سونهن جي سچائيءَ" ۽ "سچائيءَ جي سونهن" جا اصطلاح بہ ڏنا آهن. دراصل فن ۽ مقصد وانگر سونهن ۽ سچ بہ ساڳي معنيٰ وارا بہ لفظ آهن. سچ ئي سُونهن آهي ۽ سونهن ئي سچ آهي. سونهن ڇا آهي؟ سچ ڇا آهي؟ دائميت ڇا کي آهي؟ تخليق کي يا تخليقڪار کي؟ ٽي ايس ايليٽ شاعر جو بنيادي فرض ٻوليءَ جي بچاءُ ۽ ترقي وارو ڄاڻائي ٿو. ٽي ايس ايليٽ کان اڳي بہ شاعر پنهنجو اهو بنيادي فرض ادا ڪندا پئي رهيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ائين ”جوش“جي شاعريءَ جي حوالي سان ڪيتريون ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. اڄ جڏهن شاعري سڪيءَ جي نڪ جي ڪوڪي ۾ قاسي لفاظي بڻجي وئي آهي، تڏهن ”جوش“ جون تخليقون شاعريءَ لاءِ هڪ پيرو ويساهه جاڳائين ٿيون، جنهن وٽ ذات به آهي ته ڏانءُ به.

چا بڌايان ته ڪيئن گذاريم رات
جڻ ته صدين کان پوءِ ٿي پرڀات

شاعري ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکارڻ جو فن آهي. ان ۾ جذبات ۽ احساسات جو سمورو اظهار لفظن ۾ ئي ٿئي ٿو. لفظ جڏهن اندر جي ڪيفيتن جي صحيح ترجمانيءَ ۾ اسقل ٿا لڳن، تڏهن ان جو اظهار به لفظن ۾ ئي ٿئي ٿو:

سوچن کي تو ساز ڏيان
سورن کي آواز ڏيان
لفظ متان مجبور هجن
لڙڪن ۾ تو راز ڏيان

هر صنف وانگر غزل جا به لوازمات آهن. ٽڪڙجي اوائلي غزل گو شاعرن حافظ عالي، خستہ کان سچل تائين، سچل کان گل، حامد، سانگيءَ تائين ۽ ويندي حليم ”جوش“تائين غزل جي هڪ روپ ريکا آهي. ڪلاسيڪل، روايتي، ترقي پسند، نئين ۽ نئين پڄاڻان وارن دورن ۾ غزل زنده رهيو آهي. موجوده دور ۾ جن شاعرن غزل جي آبرو رکي آهي، عبدالحليم ”جوش“ انهن ۾ اهم آهي. هن جي غزل جو پنهنجو الڳ رنگ آهي. سادگي غزل جي سونهن آهي، اشاريت ۽ رمزيت ان سونهن جو سينگار آهي:

هو تري تو سگهي ۽ اُڏري پيو
ڪيس ماڻهوءَ جيان رهڻ آيو
مشڪلاتن کي منهن ڏئي ويندو
ڪيس جي پاڻ تي ڪلڻ آيو

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرھہ ڦٽي تہ ڏٺي مون خدا جي فياضي
جي ھڪ ڏيو ٿو جلائي، لکين وسائي ٿو
خزان، بھار، شفق، صبح، شام، چانڊوڪي
فريب آھہ يا ڪو صورتون مٽائي ٿو

ھڪ شاعر پنھنجا ذاتي درد تہ پوڄي ٿو پر ھو ٻين جا، انسانذات جا درد بہ پوڄي ٿو. ھن وٽ شاعر ٿيڻ جو ھڪ پئمانو/شرط ھي بہ آھي:

آھہ احساس عام جو جنھن کي
سوئي شاعر ٿئي اديب ٿئي
حال اوري ٿو ڪوبہ جي روئي
منھنجي حالت بہ ٿي عجيب ٿئي

زندگي، موت، ھيءَ ڪائنات ـ گھڻو ڪجھہ اھڙو آھي جيڪو پراسرار آھي، مبھم آھي، غير واضح آھي ۽ شاعر انھن تائين گھري تصور ۽ اعليٰ تخيل وسيلي ئي رسائي حاصل ڪري سگھي ٿو ۽ ڪنھن اَجاتي قوت جي سھڪار سان ئي ھُو انھن تائين پُڄي سگھي ٿو. پر تڏھن بہ تجريديت کان ھن کي ڪم وٺڻو ٿو پوي:

سوچ آواز ٿي پوي تہ چڱو
اھڙو انداز ٿي پوي تہ چڱو
ڳالھہ ظاھر بہ ٿئي خبر نہ پوي
راز جي ساز ٿي پوي تہ چڱو

”جوش“ تہ پنھنجو تعارف ئي ھيئن ٿو ڪرائي ۽ اُن لاءِ ھو ”رباعي“ تخليق ٿو ڪري، جيڪا ”مھراڻ شاعر نمبر“ ۾ بہ ڇپيل آھي. ۽ اھا واحد ”رباعي“ آھي، جيڪا ھن مجموعي ۾ شامل آھي ان ۾ خاص ڪري مصرع ٽي ۾ ھڪ عجيب ڳالھہ ٿو ڪري:

ظاھر نہ ٿيو ڪنھن تي اُھو راز آھيان
پھتو نہ ڇپن تائين سو آواز آھيان
نغما ٿا لڇن جنھن جي تنتل تارن ۾
اي دوست پڇين ٿو تہ اُھو ساز آھيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو راز راز ئي رهيو افشا نہ ٿي سگهيو! اندر ۾ آواز ٻُرندو رهيو پر چپن تائين نہ اچي سگهيو! ساز جي تنل تارن ۾ اڄا ڪيترا نغما ٿڌڪي رهيا آهن! ڇا اسين اهو راز سلي سگهون ٿا؟ ڇا اسين شاعر جي اندر ۾ ٻرندڙ آواز ٻڌي سگهون ٿا؟ ڇا اسين تنل تارن واري ساز ۾ لڪندڙ نغمن جا سُر جهٽي سگهون ٿا؟

مون کي خبر نہ آهي (۽ شايد "جوش" کي بہ نہ هجي) تہ هي شعر هن ڪهڙي ڪيفيت ۾ تخليق ڪيو؟

پر اڄ اهو ڪيڏو نہ هن جي حسبِ حال آهي:

در تي کڙڪو ٿيو تہ دل کي چيم
ڪو تہ بيمار کي پڇڻ آيو

غزل اُهو ئي سنو آهي، جنهن جا سڀ شعر سٺا هجن. ڪوبہ شعر زوريءَ نہ ٺپيو ويو هجي، سکٽي قافيي بازي نہ هجي. منهنجي خيال ۾ "جوش" جا غزل اهڙا آهن، جيڪي سڄي جا سڄا quote ڪرڻ جهڙا آهن، مثلاً:

مُرڪي مُرڪي نهارجي سائين
کُرڪي کُرڪي نہ گهارجي سائين

يا:

ڪِينَ سُک سان ڪڏهن سمهي سگهندين
جهوپڙا ڍاهي تو اڏين محلات

وارو غزل، ان جو هي شعر ضرور ڏيڻ چاهيندس:

تنهنجي درجو فقير آهي سچ
روشنيءَ جي وٺي پيو خيرات

يا هي غزل:

ڪجھ ڪناين سان ڪجھ اشارن سان
شعر سونهي ٿو استعارن سان

ان غزل جو هي شعر بہ ڏيان لهٽي:

لڙڪ منهنجا نہ رائگان ويندا
باھ لڳندي انهن شرارن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري، جيڪڏهن اُها سچ پچ بہ شاعري آهي تہ اُها ڪنهن بہ وياکياڻ/تشريح جي محتاج نہ آهي. هونئن بہ شاعريءَ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو مثلاً:

مي تہ پيارين روز ٿو ساقي
ڏي چانڊوڪي پيماني کي

جي لفظي/نثري معنيٰ ان پيماني کي ئي پيجي ڇڏيندي! شاعر جو روح مئي جو نہ پر چانڊوڪيءَ جو پياسو آهي. ڪير جهڙي اچي اُجري ۽ ٿڌي چانڊوڪيءَ جو پياسو! جيڪا چانڊوڪي باروت جي دونهن ۾ وايو منڊل /واتا ورڻ جي گدلاڻ ۾ دونهاٽجي وئي آهي. شاعريءَ ۾ ڪنهن شاعر وٽ، ڪجهہ لفظ استعارا بڻجي ٿا وڃن. جيئن "جوش" وٽ "اڳتي" لفظ جو استعمال آهي.

دير و حرم کان اڳتي هوندو
"جوش" کي ڳوليو ميخاني ۾

هڪ غزل ۾ تہ بہ "ڪجهہ اڳتي" رديف انهن شعرن کي بہ وڌيڪ معنيٰ خيز بڻائي ٿو ڇڏي. شاعريءَ ۾ ان جي بہ اهميت آهي تہ شاعر جو Vision ڪيترو وسيع آهي ۽ عبادت، عقيدت، روايت. اهي سڀ راهون آهن، منزلون نہ آهن. وسيلا آهن حاصلات نہ آهن. "بہ" ۽ "ڪجهہ" محض لفظ آهن، پر شاعر انهن کي اهڙي تہ ڏانءَ سان واپرايو آهي جو اهي غير معمولي بڻجي ويا آهن ۽ ان غزل جي مقطع:

اُهي بيمار جن کي "جوش" ڪو ناهي پڇڻ وارو
هلي تن کي ڏسون سگهٽي عيادت کان بہ ڪجهہ اڳتي

لطيف سائين سسئيءَ جي حوالي سان فرمائي ٿو:

تہ ڪر پيلي آهن پيل، جي سُور پريان جا ساڻ مون!

شاعر پاڻ مسافر آهي، اڃاتين راهن جو اڃاتين منزلن ڏانهن اهو سفر هن کي اڪيلي سرئي ڪرڻو آهي: هُو پاڻ ئي پنهنجو همسفر آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجو راهبر آهي:

مان اڪيلو ئي قافلو آهيان
ساڻ سورن سندو اٿالو آهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ”جوش“ بابت تورن لفظن ۾ راءِ ڏجي تہ اُها اِهائي هوندي تہ ”هُو زندگيءَ جو شاعر آهي.“ متحرڪ ۽ روان:

زندگيءَ جا ئي عڪس پيش ڪيم
شاعري آهي آرسيءَ وانگر

مون کي سُڌ نہ آهي تہ زندگي ۽ جوش، ٻئي،هڪٻئي کان ڪيترو ”بي خيال“ رهيا آهن؟!

”جوش“ توکي متان ڏنو نہ هجي
هو بہ ڪيڏو نہ بي خيالو آهہ

پر اسان کي، خاص ڪري موجوده صورتحال ۾، پنهنجن شاعرن، تخليقڪارن کان ”بي خيالو“ نہ رهڻ گهرجي ۽ انهن جي ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌو نہ ڪرڻ گهرجي:

”جوش“ جي ڳالهہ چو ٻڌي نہ اوهان،
ڪو نيا پو متان ڏيڻ آيو!

”جوش“ جو هي ”چَوسِتو“ ڏاڍو معنيٰ خيز ۽ چيندڙ ۽ گهرو آهي. اهو مون ڪتي ڏيڻ پئي گهريو پر اُهو هتي آخر ۾ ڏئي، جهڙوڪر نئين سر شروعات تو ڪريان.

غم هٿا غمگسار ڪوبہ نہ هو
وقت آيو تہ يار ڪو بہ نہ هو
پنهنجا ڳوڙها اگهيم تہ ٿيو معلوم
مون سان گڏ اشڪبار ڪوبہ نہ هو!

**امداد حسيني**
ڄامشورو سنڌ
2009_7_10



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جوش جو فن ۽ ادبي پس منظر

حليم جوش جو نظريو ۽ فلسفو هن جي پنهنجي شاعري ئي آهي . هن جي حسي تجربي ۾ سندس ادبي زندگيءَ جي پنجاهه سالن جو رس شامل آهي. حليم مقدار جي پيٽ ۾ معيار کي ترجيح ڏني آهي .

جن قلمڪارن عميق جذبي سان سنڌي ادب کي اوج وٺرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو حليم جوش جونالو بہ انهن ليکڪن ۽ نقادن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو.

جوش صاحب جي فن بابت مختصر راءِ ڪانپوءِ اهو ضروري آهي تہ سنڌي ادب جي پرسپيڪٽو بابت نئين ٿهي کي ڄاڻ ڪرائي وڃي.

هندوستان جي ورهاڱي- سنڌ ۽ سنڌي ادب کي سخت ڇيهو رَسايو.

سنڌي ادب جيڪو اوسر لاءِ اجا وکون مس سوري رهيو هو تہ لڏپلاڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. ۽ هندو سنڌي عالم، اديب، شاعر ۽ محقق احساساتي سطح تي هڪ ڏپ ۽ ڌهڪاءَ سبب هتان کان پارت لڏي ويا.

لڏي ويندڙن جي خال کي پُرُ ڪرڻ لاءِ هڪ جذباتي لهر طور ڪم جي ابتداً تي. سلسلو جتان کان ٽٽو هو انکي اتان ئي جوڙڻ لاءِ جاکوڙ شورع ٿي ويئي. لڏي ويندڙ قلمڪارن جنهن نواڻ جو پايو وڌو ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت، جمعيت الشعراءِ، بزم طالب المولي، بزم ادب ۽ ٻيون ڪيترين ئي ادبي تنظيمون وجود ۾ آيون ۽ تخليقي عمل جي آبياري جو اونو وڌيو. ۽ ڪيترائي نوجوان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ادبي ماحول کي زور وٺرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لاءِ اڳتي نڪري آيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ٻهراڙين يا زرعي علائقن ۾ جيڪا شاعري ڪمپوز ٿي رهي هئي، انهيءَ جا ڪمپوننٽس ٻاهريون ۽ جديد ڏارائون نہ هيون پر فارسي ۽ اردو غزل جي روايت هئي. پر ان هوندي بہ شيخ اياز شيخ، راز بردو سنڌي، عبدالڪريم گدائي، نعيم صديقي، مراد علي ڪاظم، هري دلگير، قادر بخش بشير، قيوم طراز بشير مورياڻي، اياز قادري، نياز همايوني، غلام محمد گرامي ۽ ٻيا بہ گهڻا نالا آهن، جن ٻهراڙين ۾ وڏيري، ڦرٽي گهرٽي سياستدان،هاري ۽ فطرت جي تناظر ۾ تخليقي عمل ڏنو پئي، جيڪو ان تناظر ۾ گهڻي حد تائين اتساهيندڙ هو. مٿي ڄاڻايل شاعرن مان گهڻن جو فڪري طور تي پراڻي اسڪول آف ٿاٽ سان لاڳاپو هو ۽ ٿورا شاعر هئا جن خليفي گل جي ڊڪشن کي هندائيندي، ڪشچند بيوس جي ورڊسورٿ واري انداز کي اختيار ڪيو. يا هندي يا آسان سنڌي ڊڪشن واپرايو. جن ۾ هري دلگير، بردو سنڌي، نياز همايوني ۽ عبدالڪريم گدائي شامل آهن. اهڙن شاعرن شاعريءَ جي مڪاني آهنگ کي زور وٺرايو.

انقلاب فرانس ۽ روس جي انقلاب کان پوءِ سنڌ ۾ گدائي ۽ اياز فڪري سطحن تي انقلابي شاعري ڏانهن لاڙو رکيو جن جا بونافائيڊس مبهم ۽ غيرسائنسي هئا. اوائلي ۽ روايتي احساس هو. ڪو واضح فلسفو يا شاعراڻو نظريو ۽ منشور نہ هو. ليڪن سنڌ جي سياسي ۽ معاشي بدحالي خلاف هڪ نوعيت جو جذباتي ردعمل هو. جنهن تبديلي لاءِ بنيادي محرڪات پيدا ڪيا. شاعريءَ ۾ نواڻ آڻڻ جي ڏس ۾ اياز، نياز، بردي، گدائي ۽ گهڻو پوءِ تنوير عباسي ۽ هڪ اڌ ٻين فڪري ۽ فطري روايتن جو پايو وڌو.

سنڌ جي وچولي واري علائقي ۾، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور کانپوءِ ٽڪڙ جو اسڪول آف ٿاٽ هو جيڪو سانگي ، قاسم، فاضل، گدا ۽ بسمل جي مڪتبہ فڪر سان ڳنڍيل هو.

انهيءَ اسڪول آف ٿاٽ مان ليڪراج عزيز اهڙو شاعر ٿي ابريو جنهن ٻوليءَ جي نزاڪت ۽ معنويت تي زور ڏنو ۽ نواڻ آندي ليڪراج عزيز بسمل جو شاگرد هو. هن جو تجربو ان دور جي اعتبار کان وڻندڙ ۽ قبولڻ جوڳو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر تمنا گناهہ تي پيئي،
دل ٿي دوزخ جي ٻاهہ تي پيئي.

محمد خان غني بہ ساڳي مڪتبہ فڪر جو شاعر هو. پر هن عروضي يا موزون شاعريءَ جا مرحلا اڪرڻ کانپوءِ قياسي شاعري ڏانهن گهڻو ڌيان ڏريو. بيت، وائي ۽ ڪافي ۾ هن بي مثال تجربا ڪيا ۽ ٻولي ۽ فڪر جي اعتبار کان وڏي اوسر ماڻي. پر غربت ۽ تنگدستي جي ڪري هن جي شاعراڻي اڏام جو ڪنهن قدر نہ ڪيو ۽ نہ ئي ان جي شعري آهنگ جي ڪنهن پيروي ڪئي. جاڪاڻ تہ نين صنفن جي اچڻ سان شعر جي ڪلاسيڪي گهاڙيٽي کي ميجتا مشڪل سان ملندي آهي.

۽ هيڏانهن ڪراچيءَ جي ساموندي پٽي، گهڻن فڪري ۽ نظرياتي ڌارائن جي ويجهو رهندي بہ شاعريءَ ۾ ڳٽائڻ جوڳي تجربي يا احساس جون سطحون نہ ڇهيون. غلام احمد نظامي، علامہ اقبال جي ڊڪشن ۽ فڪر ذريعي، تجربي ۾ نہ آيل يا سنڌ جي سطح تي جيڪو تخليقي عمل ڏنو انجا بنياد سنڌ ۾ موجود ئي نہ هئا. هن روايتي روايت جي پوئواري ڪئي. جڏهن تہ ڪراچيءَ سان لڳو لڳ لسٻيلي جي شاعر "نمر" جون بي مثال سٽون،

"ڪوسيون ڪِپارن ۾، تيون ڇهتي ڇَڪَ وجهن" ڏانهن ڪراچيءَ يا سنڌ جي شاعرن جو ڌيان ئي نہ ويو.

دنيا جي رزميہ شاعريءَ ۾ نمر جي ان سٽ جو ڪو مٽ ئي ناهي.

انهيءَ ساڳي ساموندي پٽي ڪراچي جي علائقي نوآباد ۾ شاعري جا ڪلاسز شروع ٿيا. انهن ڪلاسن جي شاعري پراڻي ۽ نئين اسڪول آف ٿاٽ جي ييٽ ۾، ٻوليءَ جي چستي، نرالپ، صحيح ۽ مترنم واهپي جي بنياد تي جهوني مڪتبہ فڪر سان واڳيل هوندي بہ احساس جي سطح تي نئون خيال جاڳايو. ۽ شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي نزاڪت، صحتمنديءَ ۽ موسيقي تي زور ڏنو. جيتوڻيڪ هتي بہ طرح مصرع وارو ماحول هو. پر ان وايومنڊل ۾ تعليمي ماهر ۽ نقاد مرحوم شيخ عبدالله عبد نئون جذبو جاڳايو. ۽ شاعريءَ مان رڳو عروض بڪڻ واري احساس خلاف نوجوان شاعرن جي تربيت ڪئي ۽ ادب ۾ فڪري ڏسائن جي ڳالهہ ڪئي. عبد صاحب، حليم جوش جو والد هو ۽ هن حليم جي هر طرح سان تربيت ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ دور ۾ ئي، مرحوم سرشار عقيلي، فارسي عروض جي جاءِ تي، ”گل، بهار، خار، خزان ۽ چمني“ کي نهڪائي شاگردن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو جنهن ۾ گهڻائي متشاعرن جي هئي. انهن جي شاعري ۾ به شاعري يا احساس جي نواڻ يا تازگي بدران ”گل، بهار، خار خزان ۽ چمني“ پئي چٽڪي.

شيخ عبد صاحب مرحوم سنجيده مزاج عالم ۽ نقاد هو. مرحوم عبد ۽ عقيلي صاحبان جي شاگردن جو حلقو چڱو چوکو هو. انهن ٻنهي بزرگن جي درميان مرحوم علي محمد اسير به هو. اسير صاحب پرائمري استاد ۽ تنقيدي ادراڪ رکندڙ شاعر ۽ باڪسر هو. شاعريءَ سان گڏوگڏ هنجو باڪسنگ جو به اسڪول هو. ڏاڍو ذهين، باخبر ۽ زمانہ شناس فرد هو. سندس هڪ شاهڪار شعر مونکي اڄ به ياد آهي.

اي منهنجي دربدري کي ڏسي کلڻ وارا
اڃا تو ڪونہ ڏٺو آهہ انقلاب جو رنگ

انقلاب جا ڪيئي رنگ تين تا. سٺ کان اسي واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب به ڪيترن ئي لوڏن لمن مان گذريو ۽ اهي ئي تي ڏهاڪا آهن جن ۾ سنڌي ادب اهم صنفن (ڪهاڻي ۽ شاعري) ۾عروج ماڻيو ۽ سياسي طور تي به وڏي اٿل پٿل جو دور رهيو. ڪاٻو ۽ ساڄو به ڌريون هڪ ٻي جي آڏو ويڙهاند ۾ مشغول به ان دور ۾ رهيون ۽ چنداپٽ جو غير منطقي ۽ سبب کان آجي ويڙهاند ۾ سنڌ کي اقتصادي طور نقصان به ان دور ۾ رسيو. پر انهيءَ چڪتاڻ نئين پيڙهي ۾ اتساهہ پيدا ڪيو ۽ اهي وڙهندڙ جٿن کان پري ٿي مطالعي ۽ تخليقي عمل ۾ مصروف رهيا.

سڃي فساد جو بنياد شيخ اياز ۽ رباني جون ٻاراٽيون ۽ بيمار ذهن واريون حرڪتون هيون، جن سنڌ جي صوفي مزاج قلمڪارن ۽ عام ماڻهن کي مذهب ۽ خدا دشمني جي ذريعي ڌڪ رسايو ۽ هڪ باصلاحيت، بيروزگار ۽ جسماني طور بيمار شخص رشيد لاشاري کي مچرائي ميدان ۾ لاهي، ادبي ماحول کي خراب ڪيو. لاشاريءَ کي بورڊ جي خسيس ملازمت مان فارغ ڪري صورتحال کي گنجرايو ويو ۽ ٻي طرف مرڪزي سنگت جي غير فعاليت کي لڪائڻ لاءِ ان وقت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم مقام سيڪريٽري جنرل (جيڪو پڻ بورڊ ۾ ملازم هو) جي ڪلهي تي بندوق رکي شيخ اياز جي اجائي سجائي حمايت ۾ محاذ ڪڙو ڪيو ويو ۽ ان سڄي مامري کي ذاتيات بدران ادب جي نئين ۽ پراڻي ٿهي جو تڪرار قرار ڏنو ويو. حالانڪ ان دور جي نئين ۽ پراڻي ادب ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هيو. نون ۽ پراڻن جو ساڳيو اسلوب هو. فرق اهو هو تہ فقط شيخ اياز ڪان سواءِ سڀ اعتدال پسند هئا. پر هڪ بزرگوار جي خواهش هئي تہ سڀ انڌا ٿي وڃن ۽ فقط شيخ اياز جي ادبي سلطنت قائم رهي. شيخ اياز جو پهريون شعري مجموعو "ڀونئر ڀري آڪاس" فارسي ۽ پراڻي اردو شاعري جي اسلوب ۾ آهي.

تجربو شاهد آهي تہ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ ٻيئي ادبي ڌريون هڪ ايجنڊا تي هڪ ٿي هيون.

ڪو علمي ۽ ادبي تڪرار نہ هو. ون يونٽ جي ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪراڙن ۽ نعري باز اديبن جي جولاني ختم ٿي وئي يا ڪنهن ايجنڊا تحت ختم ڪرائي وئي.

اهڙي ادبي جولاني کي واپس آڻڻ لاءِ ڪراچي مان واڪاڻ جوڳو ڪم ٿيو. سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۽ نوآباد جي اديبن ۽ شاعرن بيحد شائستگي ۽ ڌيمي لهجي ۾ سنڌ جي ڪيس کي مضبوطيءَ سان پيش ڪرڻ لاءِ محاذ کوليو.

روزاني اخبارن ڪانسواءِ ڪڏي ۽ نوآباد مان شايع ٿيندڙ محمد عمر چاموٽ جي هفتيوار 'ناخدا' ذريعي علي محمد مجروح ۽ ٻين ڪيترن قلمڪارن سميت حليم جوش بہ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ نظم سميت نثر ذريعي پڻ سياسي بصيرت، ادبي ۽ تنقيدي ڄاڻ مہيا ڪرڻ وارو آڻڻ لاءِ ڪم ڪيو ۽ اجتماعي طور تي سنڌي ماڻهن جي پريشانيءَ جي ڪيس کي عام ماڻهن تائين پهچائي ميدان هموار ڪيو ويو.

مرحوم علي محمد مجروح جي ترنم، سنڌس شاعري کي نمايان ڪيو. پر حليم جوش جي شاعري هڪ نئين احساس ۽ ادراڪ جي شاعري هئي ۽ اڄ بہ سنڌس تبصري هيٺ مختصر شعري مجموعي جي مطالعي سان هنجي فن ۽ فڪر ۾ سلاست، تازگي، نواڻ ۽ نئين حسيت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

آءُ همعصر عهد جي "شرح باز مهاڳ نويسن" جيان، جوش جي شاعريءَ مان ڪوبہ مثال نہ ڏيندس. ۽ نہ ئي حوالي طور شعر ڏيئي انجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تشريح يا توجيهہ ڪندس. جوش جي شاعري پاڻ هڪ معتبر حوالو آهي ۽ احساس جون اهڙيون سطحون ڇهي آيو آهي، جنهن مان هن جو ادراڪ ۽ حسي تجربو نمايان آهي.

البتہ فڪري لحاظ کان جوش جي ڪلام جو تجزيو ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ حليم جوش جو فني ۽ فڪري دور پنجن ڏهاڪن تي مشتمل آهي ۽ انهن پنجن ڏهاڪن ۾ مجموعي طور سنڌي شاعري ڪهڙي متاهين پنڌ تي پهتي آهي؟

بي انت سنڌي شاعري ۾ ننڍين توڙي وڏن، قديم خواهہ جديد شاعرن مختلف گهاڙيٽن تي شاعري ڪمپوز ڪئي آهي. پر ان ۾ ڪيترا شاعراڻا عڪس موجود آهن؟ انهيءَ جو اونو ڪرڻو آهي. ڪهڙيون فڪري ڌارائون اسانجي شاعري جو سرچشمو بڻيون آهن؟ اسانجي شاعري پنهنجي عهد کي ڪيتري قدر متاثر ڪيو آهي؟ اهو مسئلو هڪ پرپور ٿيسز جو گهرجائو آهي.

باقي جيستائين حليم جوش جي شاعريءَ جو تعلق آهي تہ جوش محض هڪ شاعر آهي. نج شاعر. هن وٽ بظاهر آڇڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪا ٿيوري ناهي. ڪو فلسفو يا نظريو ناهي. هن جي ٿيوري، فلسفو يا نظريو فقط هن جي پنهنجي شاعري ئي آهي.

هن وٽ پرسيپشن لاءِ ڪو ريڊي ميڊ اتساهہ ناهي. هن حسي ادراڪ سان جو ڪجهہ محسوس ڪيو آهي. اهوئي جوش جي شاعريءَ جو نچوڙ آهي.

حليم جوش ڪنهن جاڪوڙ يا رٿابندي کانسواءِ شاعري ڪئي آهي. خاموش طبع، گهٽ ۽ سنو لکندڙ شاعر آهي حليم جوش. غزل، نظم ۽ قطعي ۾ هن جي ڪرافٽمئنشپ نوجوان شاعرن لاءِ ضرور اتساهہ جو ڪارڻ بڻجندي.

پڇاڙيءَ ۾ حليم جي شاعريءَ جا ڪجهہ مثال پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجن ٿا. جيئن اهي دليل طور ادبي منظر نامي ۾ اپياس جو ڪارڻ بڻجن ۽ قاري پاڻ جوش جي قد ڪاٺ جو تعين ڪري.

زندگي عشق جو حوالو آهہ
عشق ناهي تہ سپ ڪشالو آهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون وفائن جي موٽ ٿو چاهين
عشق محرومين جو نالو آهه
مان اڪيلو ئي قافلو آهيان
ساڻ سورن سندو اٿالو آهه
منهنجو هٿيار ئي قلم آهي
تير مون وٽ نه ڪوئي ڀالو آهه
جوش توکي متان ڏنو نه هجي
هو به ڪيڏو نه بيخيالو آهه
❊ ❊ ❊

رنڍڪن رُيءَ ته ڪوبه گس ناهي
زندگانيءَ گلن جو رس ناهي
❊ ❊ ❊

در تي ڪڙڪو ٿيو ته دل ڪي چيم
ڪو ته بيمار ڪي ڏسڻ آيو
ڪوبه ناهي ڏياچ جو ثاني
پوءِ به هو مونکان سِر گهُرڻ آيو
❊ ❊ ❊

نه گل ٽڙيا ۽ نه مکڙين جي منهن تي سرهائي
الائي پاڻ ڪي چو باغبان پڏائي ٿو
پرهه ڦٽي ته ڏني مون خدا جي فياضي
جي هڪ ڏيو ٿو جلائي لکين وِسائي ٿو
ڪا ته جذبي ۾ آهي گهٽتائي
نينهن واري ڪي ننڊ ڪيئن آئي

لهر لوڏو به سهارو آهي
ڳُن به دريا ۾ ڪنارو آهي
حسن سينگار ڪري يا نه ڪري
هر نظر جڻ ته ڪتارو آهي
دار ڏي ڪيئن نه وڃن ٿا ڪونڌر
نينهن وارن جو نظارو آهي
❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤطرف آهي ڪيڏي اونداهي
واٽ تي ڪي ڏيئا جلايان مان
هونءَ تہ دنيا گهمي ڦري آيس
راهہ گهرَ جي پيو پڇايان مان

❊ ❊ ❊

شفق ۾ آهي نہ ڪي مهرو ماهہ ۾ آهي
اوهانجو حسن تہ منهنجي نگاهہ ۾ آهي
وفا جي لاٽ هجي يا خلوص جي خوشبو
هو منهنجي دل ۾ ۽ هي منهنجي ساهہ ۾ آهي

❊ ❊ ❊

تنهنجي نيڻن جي هڪ نهار ڪپي
جام ڪڻ ۽ خمار ڏي مونکي
پير جنهنجا چُهن پيون چوليون
اُنَ جبل جو وقار ڏي مونکي

❊ ❊ ❊

ڪونہ بيوس تئي غريب تئي
وقت اُن لاءِ تو صليب تئي

❊ ❊ ❊

سڀ چون تا مفاهمت گُهرجي
هيءَ صداقت جي پائمالي ناهہ؟
ملڪ ڪنگال آهي اڄ اي جوش
ڪونہ چوندو تہ هو سوالي ناهہ

غزل کان علاوه، جوش قطعا ۽ نظم بہ ڏاڍي دلجمعي ۽ شائستگي سان لکيا آهن. علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ جي شخصيت تي لکيل حليم جو نظم ڏاڍو خوبصورت ۽ اتساهيندڙ آهي.

**تاج بلوچ**
ايڊيٽر سوجهرو، ڪراچي

15 جولاءِ 2009
ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حمد ۽ نعت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حمد

تون ئي اُپائين تون ئي نپائين تون ئي پالڻهار
آسروندن آس پُڄائين اڙين تون آڌار

اُڀ ۾ تارا، ڌرتيءَ تي گل، موتي دريا منجهه
تنهنجي هئڻ جا شاهد آهن تنهنجا سڀ شهڪار

اڪيون آليون، منهن ٽيو ميرو خالي منهنجو جهول
آسَ اِهائي آهي دل ۾ تون ئي لَهَندين سار

اڻ گهُرئي تون جهول ڀرين ٿو ڳالهه ڪجي ڪهڙي
مونکي مونکان ويجهو آهين اهڙو ڪو غمخوار

تنهنجي ٻاجهه جو اَنت نه ڪوئي مهر ڪرين سڀ تي
تن جي تون پڻ سار لهين ٿو توکان جن انڪار

ٻاجهه سان پنهنجي ڏي تون اسانکي پکين واري ريت
انسانن ۾ هجي سدائين الفت جي هُٻڪار

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نعت

جڏهن سماج ۾ انسانيت کان نفرت هئي
بتن سان پيار هو پر پاڻ ۾ عداوت هئي

جتي هئي ظلم جي ظلمت ۽ ڌاڍ جو انڌير
نہ ڪنهن جي ڪنهن سان محبت سين جو سڀ سان وير

جتي رواج نہ هو ڪنهن سان غمگساريءَ جو
ڏسڻ ۾ آيو تي ماڻهو ڏڙو هو واريءَ جو

نہ ڪنهن کي ڄاڻ تہ بيمار زندگي ڇو تي
خبر بہ ڪانہ تہ بيڪار زندگي ڇو تي

نہ ڪنهن کي سُرت تہ ڇا زندگي جو حاصل آهہ
سفر ۾ آهيون تہ پوءِ نيت ڪا تہ منزل آهہ

دغا، فريب ۽ خود غرضين جا واپاري
ها پنهنجي هوڏ تي قائم بُتن جا پوڄاري

اُهوئي دؤر محمد هتان پيام آيو
نوان اُمنگ کڻي هڪ نئون نظام آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پره ڦُٽي تہ ڪُٽي رات روشني ڦهلي
حيات چاهي؟ سڄي ڪائنات جرڪي پئي

ها جيڪي پاڻ ۾ ويري سي يار بڻجي پيا
هئا جي خشڪ خزان جان بهار بڻجي پيا

وئي وسامي هئي جيڪا باهہ نفرت جي
سڄي سماج تي ڇانئي فضا محبت جي

رسول غار کان نڪتو طلوع ٿيو اسلام
مِلي جهان کي بي مثل دولت الهام

اِهو خزانو اسان لاءِ زندگي آهي
عمل جي واٽ هدايت جي روشني آهي

اُهوئي شرف تمدن جي آبرو آهي
اُهو مقام اچا جنهنجي جستجو آهي

ڏئي ويو جو زماني کي زندگي جو پيام
لکين درود انهيءَ تي لکين انهيءَ تي سلام
❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نعت

محبت جنهن جي فطرت هئي، صداقت جنهن جي سيرت هئي
عبادت زندگي ۽ زندگي جنهنجي عبادت هئي

اهو انسان ڪامل عرش تائين جنهن جي رفعت هئي
سڀن جي لاءِ رحمت هو سڀن تي جنهن جي رحمت هئي

ڪڏهن ڪنهن سان عداوت هئي نه ڪنهن جي لاءِ نفرت هئي
محمد جي نظر ۾ هر بشر جي لاءِ عزت هئي

ڳڳر وانگر وسايو مينهن جنهن پنهنجي مروت جو
بنا ڪنهن فرق جي پنهنجن پراون تي عنايت هئي

جتي پاڇا ئي پاڇا ها، اُتي انسان اُڀري پيا
اُتي فانوس تيا روشن جتي ظلمت ئي ظلمت هئي

اُتي ماحول پيدا ٿيو محبت جو اُخوت جو
جتي وِيڇا ئي ويڇا ها، جتي نفرت ئي نفرت هئي

نظر ۾ سوچ ۾ گفتار ۾ ڪردار ۾ جنهن جي
ازل کان تا ابد قائم رهڻ واري صداقت هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـڏهــن غـــارِ حـــرا ۾ هــــو ڪــڏهــن هــو منتها* پهتو
نبيءَ جي هر قدم ۾ آدميت لاءِ عظمت هئي

محمد سوجهرو هو ٻاٽ اوندهہ جي زماني ۾
محمد هڪ نياپو جنهن ۾ لافاني حقيقت هئي

ڏني سڀ کي محمد مصطفيٰ قرآن جي دولت
عمل جي روشني، عرفان ۽ ايمان جي دولت

❊

* سدرة المنتها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

Soorih Mirani



ظاهر نہ ٿيو ڪنهن تي اهو راز آهيان
پهتو نہ ڇپن تائين سو آواز آهيان
نغما تا لُڇَن جنهن جي تُنَتَل تارن ۾
اي دوست پُڇين ٿو تہ اُهو ساز آهيان

(جوش)

❁

رندڪن ريءَ تي ڪوبہ گس ناهي
زندگاني گلن جو رس ناهي

ساھہ پيهر وري وري نہ وري
جان پنهنجي بہ پنهنجي وس ناهي

راڄ صياد جو ڏسان ٿو مان
چاهي جي باغ ۾ قفس ناهي

مان چڱي ڪي چڱو چوان ٿو تہ پوءِ
منهنجو ٿورو تہ ڪو مٿس ناهي

جام جو دؤر پل هلي ساقي
رند سو آهي جنهن کي بس ناهي

ڄام هو باوفا پنهونءَ وانگر
نينهن وارو تہ بوالهوس ناهي

قادريءَ* جي پري وڃڻ ڪانپوءِ
جوش جو ڪوبہ هم نفس ناهي

---

* (مرحوم پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در تي ڪڙڪو تيو تہ دل کي چيم
ڪوتہ بيمار کي ڏسڻ آيو

ڪوبہ ناهي ڏياچ جو ثاني
پوءِ بہ هو مونکان سِر گُهرڻ آيو

هو ٽَري تو سگهي ۽ اُڏري يي
ڪيس ماٺهوءَ جيان رهڻ آيو؟

مشڪلاتن کي منهن ڏئي ويندو
ڪيس جي پاڻ تي ڪِلَڻ آيو

مونکي بيحال جنهن ڪيو اي دل
سو وري حال يي پُڇَڻ آيو

"جوش" جي ڳالھ چو ٻڌي نہ اوهان
ڪو نياپو متان ڏيڻ آيو!

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

زندگي عشق جو حوالو آهہ
عشق ناهي تہ سڀ ڪشالو آهہ

تون وفائن جي موٽ تو چاهين
عشق محرومين جو نالو آهي

مان اڪيلو ئي قافلو آهيان
ساڻ سورن سندو اٿالو آهي

منهنجو هٿيار ئي قلم آهي
تير مون وٽ تہ ڪوئي ڀالو آهي

زنزلي جو سبب پڇي ٿو هو
مان ٿو سمجهان سندس ئي چالو آهہ

آهي هو ڀي پياڪ اي ساقي
جنهن جي هٿ ۾ ڀڳل پيالو آهہ

"جوش" توکي متان ڏنو نہ هجي
هو بہ ڪيڏو نہ بيخيالو آهہ.

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

دل تہ ڪنهن جي غمن کان خالي ناهہ
ڪو سُکي آهي پر مثالي ناهہ

سڀ برابر هجن تہ چا گُهرجي
هيءَ حقيقت جناب عالي ناهہ

لوڀ ۽ لاڀ لاءِ پيا ڦتڪن
چال يارن جي ڪا نرالي ناهہ

سڀ اميرن تي ڪن پيا شفقت
چا غريبن جو ڪوبہ والي ناهہ؟

بک ۽ ڏک ۽ مهانگائي
هيءَ تصوير ڪا خيالي ناهہ

سڀ چون تا مفاهمت گُهرجي
هيءَ صداقت جي پائمالي ناهہ

ملڪ ڪنگال آهي اج اي جوش
ڪونہ چوندو تہ هو سوالي ناهہ

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

اهو جو دل ۾ خوشيءَ جا ڏيا جلائي ٿو
سو پاڻ ھين ڪي بہ روشني رَسائي ٿو

نہ گل ٽڙيا ۽ نہ مکڙين جي منهن تي سَرهائي
الائي پاڻ ڪي ڇو باغبان پڏائي ٿو

پرھہ ڦٽي تہ ڏني مون خدا جي فياضي
جي هڪ ڏيو ٿو جَلائي لکين وِسائي ٿو

خزان، بهار، شفق، صبح، شام ، چانڊوڪي
فريب آهي يا ڪو صورتون مَٽائي ٿو

انهيءَ جي عشق ۾ سوريءَ کي سيج ٿو سمجهان
اڃا جو منهنجي وفائن کي آزمائي ٿو

ٽئي تي جڻ تہ ڪا راز و نياز جي محفل
جڏهن هو منهنجي نظر سان نظر ملائي ٿو

اوهانجي شهر ۾ اهڙو بہ آهي ديوانو
"حليم" آهي وري "جوش" پيو سَڏائي ٿو

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ڪاتہ جذبي ۾ آهي گهٽتائي
نينهن واري کي ننڊ ڪيئن آئي

عشق ۾ ڇا پلئہ پيو مون کي
بيوسي، بيرخي، اڪيلائي

جن شهنشاهہ پاڻ کي سمجهيو
کو ڏسي ها انهن جي تنهائي

سي بہ انسانيت جي هام هڻن
ظلم سان جن رکي شناسائي

رت اِنسان جو سهانگو آهي
پوءِ ڇو ايتري مهانگائي

سي جهڪائي سگهن ٿا جبلن کي
جن جي حصي ۾ آئي نهٽائي

جيڪي ائٽم تي پيا ٽِلن تن کان
”جوش“ ٿيندي بہ کهڙي دانائي

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

لهر لوڏو بہ سهارو آهي
ڳن بہ دريا ۾ ڪنارو آهي

حسن سينگار ڪري يا نہ ڪري
هر نظر چڙ تہ ڪٽارو آهي

دار ڏي ڪيئن نہ وڃن ٿا ڪونڌر
نينهن وارن جو نظارو آهي

حادثو ڪوبہ تہ بي مقصد ناهہ
جي تو سمجهين تہ اشارو آهي

هر اداري ۾ ڏسان تو پاڇا
ڪو تہ ماٺهو بہ ادارو آهي

رنگ ۽ نسل تي جهيڙا آهن
هي اڇو آهي، هو ڪارو آهي

ڪوبہ انصاف جون ڳالهيون نہ ڪري
حڪم حاڪم جو نيارو آهي

ڏِس تہ هو ڪيڏا نہ ٽوٽا ٿو هٽي
مَڄُ اي "جوش" متارو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسرتن کي تہ پيو متايان مان
لُڙڪَ اکين ۾ ڪيئن لڪايان مان

چؤطرف آهي ڪيڏي اونداهي
واٽ تي ڪي ڏيئا جلايان مان

هونءَ تہ دنيا گهمي ڦري آيس
راھہ گهر جي پيو پڇايان مان

حوصلو درد کان مليو مونکي
مُرڪ پويان ٿو غم لڪايان مان

دؤر آيو وري غلاميءَ جو
هاڻ آزاد ڪيئن چوايان مان

پل اٽانگو هجي سفر منهنجو
"جوش" منزل ڏي وک وڌايان مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

حوصلو پنهنجو ايڏو وڌايو اٿم
تنهنجي رحمت کي پئي آزمايو اٿم

لُڙڪ مان مُرڪ پيدا ڪري ٿو سگهان
پاڻ روئي ٻين کي کلايو اٿم

زندگيءَ جو قسم نور ڦهلائيندو
دار تي جيڪو ٻغمو ٻڌايو اٿم

آرزو خاڪ ٿي هر خوشي ختم ٿي
تنهنجو غم هو سو اُن کي بچايو اٿم

وقت جي جام ۾ حادثا پي ويس
ساقيءَ دهر کي آزمايو اٿم

دل ۾ ٻاريم وري حسرتن جا ڏيا
هو قتل شهر جنهن کي وسايو اٿم

دشمنن سان به اي "جوش" مُرڪي مليس
ڪو خزانو هو جنهن کي لُٽايو اٿم

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✿

شفق ۾ آهي نہ ڪي مهرو ماهہ ۾ آهي
اوهانجو حسن تہ منهنجي نگاهہ ۾ آهي

وفا جي لاٽ هجي يا خلوص جي خوشبو
هو منهنجي دل ۾ ۽ هي منهنجي ساهہ ۾ آهي

سفر جي عزم اسان کي رسايو منزل تي
سڏين ٿو خضر تون جنهن کي سوراہ ۾ آهي

هي منهنجا لُڙڪ وفائن جي شاهدي ڏيندا
اوهانجي ظلم جو افسانو آہ ۾ آهي

جڏهن بہ پاڻ کي آئيني ۾ ڏسين ٿو تون
اسانجو شوق بہ تنهنجي نگاهہ ۾ آهي

سخن شناس پلي "جوش" نڪتہ چيني ڪن
مزو بہ کهڙو ٿلهي واهہ واهہ ۾ آهي

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

غم ڀلي تون هزار ڏي مونکي
دل تي پر اختيار ڏي مونکي

حسرتن جا ڏيئا جلائيندس
حسرتون بيشمار ڏي مون کي

تنهنجي نيڻن جي هڪ نهار ڪڀي
جام ڪڻ ۽ خمار ڏي مونکي

پير جنهنجا ڇُهَن پيون چوليون
اُنَ جبل جو وقار ڏي مونکي

مونکي ڪندا خزان گهٽيئي ڏنا
گل تہ هڪڙو بهار ڏي مونکي

”جوش“ تارن کي ڏس گلن کي ڏس
شعر اهڙا بہ چار ڏي مونکي

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ڪونہ بيوس ٿئي غريب ٿئي
وقت اُن لاءِ تہ صليب ٿئي

آهہ احساس عام جو جنهن کي
سوئي شاعرٿئي اديب ٿئي

حال اوري تہ ڪوبہ جي روئي
منهنجي حالت بہ تي عجيب ٿئي

ڪاميابي ملي تي محنت سان
پنهنجو پنهنجو بہ تہ نصيب ٿئي

ياد جنهن جيءَ ڪيو اگهو مون کي
سوئي منهنجو نتو طبيب ٿئي

"جوش" جيڪو کٽي تہ اڳتي قدم
سوئي منزل جي تہ قريب ٿئي.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفا جو چا اھو انعام آھي
اسان تي ھڪ نہ پيو الزام آھي

اسانجو ميڪدو ساقي بہ پنھنجو
اسان ئي پيا پڇون ڪو جام آھي

انھي اميد تي يارو تڳون ٿا
پرھہ ڦٽندي ھينئر جي شام آھي

جوانيءَ ۾ تہ جڻ آھي بھاري
ڏسون ٿا جنھن کي سو گلفام آھي

خرد جنھن کي سڏين ٿو تون اي ساٿي
خيال آھي ۽ سوبي خام آھي

اجل آيو ھيو غمخوار بڻجي
ھينئر بيمار کي آرام آھي

بڏايون جوش بابت چا اوھانکي
غزل جي شھر ۾ بدنام آھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❀

لڙڪ تي مرڪ جو مدار ڏنم
بيقراري ۾ ئي قرار ڏنم

سو بہ ڪنهنجو نہ راز دار ٿيو
جيڪو هر ڪنهن جو راز دار ڏنم

چنڊ ايندو اگهڻ بہ شام ڪانپوءِ
صبح سان ڪنهن کي بيقرار ڏنم

مونکي روئندو ڏسي ڪلي وينو
خوش تہ ايڏو نہ غمگسار ڏنم

تون اميرن ۾ پيو خدا ڳولين
مفلسن ۾ ئي ڪردگار ڏنم

ڪو تہ ظالم جو هٿ روڪي ها
بيوسن جو نہ ڪوبہ يار ڏنم

رهنما ڪيترائي ڀٽڪي ويا.
منزلن کي بہ شرمسار ڏنم

جام گردش ۾ آهي پوءِ بہ جوش
کي اڃايل بہ ميگسار ڏنم

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمع جان دل کي جلائين چو تو
خاڪ آهي تہ اُڏائين چو تو

ڳالھ ڪنهن جي بہ سَهي ڪين سگهين
پوءِ غمخوار سڏائين چو تو

زور مون تي نہ چوان مان ڪنهن کي
راز آهي تہ ٻُڌائين چو تو

ناهي پرواہ ڏکن جي توکي
لڙڪ تون پوءِ لڪائين چو تو

درد جو دل سان تہ ناتو آهي
تون طبيبن کي گهرائين چو تو

تون تہ ڳوڙهن کي سڏين تو موتي
هي خزانو پو لُٽائين چو تو

"جوش" پٿر تہ نہ آهي شايد
راہ تان ڪيس هٽائين چو تو

❁

جمع تو موت جو سامان ٿئي
ڇا ڪو انسان تو حيوان ٿئي

آئينو مان تو لڪايان هن ڪان
دوست آهي متان حيران ٿئي

نوجواني تہ هوا جو جهوٽو
پوءِ جهوٽو بہ تو طوفان ٿئي

جنهن کي تشبيهہ ڏيان تو گل سان
سوچي مُرڪي تہ گلستان ٿئي

ڪوبہ انسان فرشتو ناهي
ڪو فرشتو نتو انسان ٿئي

موت ۾ ڪنهن کي محبت بہ ملي
دل اجايو ٿي پريشان ٿئي

"جوش"جاکوڙ ڪجي لاڳيتي
ڪم تو مشڪل سان ئي آسان ٿئي.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

عمل جي راھ تي ھلجي عبادت ڪان بہ ڪجھ اڳتي
عقيدت ڪان بہ ڪجھ اڳتي روايت ڪان بہ ڪجھ اڳتي

چڱا سي ليڪجن تا جن جي ھر عادت چڱي آھي
تڏھن پي مان ائين چوندس تہ عادت ڪان بہ ڪجھ اڳتي

چڱائي جي حمايت پي تہ نيڪيءَ جو عمل آھي
انھي ھوندي فقط لفظي حمايت ڪان بہ ڪجھ اڳتي

اجا قرآن جي مفھوم ڪان واقف نہ آھين تون
تلاوت خوب آھي پر تلاوت ڪان بہ ڪجھ اڳتي

اُھي بيمار جن کي ”جوش“ ڪو ناھي پڇڻ وارو
ھلي تن کي ڏِسون سگھي عيادت ڪان بہ ڪجھ اڳتي

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۞

ڪنهن کان خفا ٿجي ۽ نہ ڪنهن کي خفا ڪجي
آهي جفا تي ناز جي ڪنهن کي تہ ڇا ڪجي

هيءَ تي پراڻي ريت ڇڳي ڪي ڇڱو ڇوڙ
دل کي ڏکوئي جيڪو انهيءَ کي دعا ڪجي

جاڳن پيا ڏڏهن بہ وراڻي نٿا ڏين
ساٿي ستل هجن تہ انهن کي صدا ڪجي

هر ابتدا جي نيت پڇاڻي تہ ٿئي ٿي
هر انتها ڪانپوءِ وري ابتدا ڪجي

ماحول ٿيندو صاف ۽ شفاف دوستو
سڀ کان اڳي تہ قلب کي ڪوري صفا ڪجي

ممڪن نہ آهي ڪنهن جي دعا بي اثر رهي
بس التجا ڪانپوءِ وري التجا ڪجي

اي جوش دل جو حال ڏنم لڙڪ لڙڪ ۾
پنهنجي زبان سان وري ڪهڙي ڪٿا ڪجي

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ديس مونکي عمر جو ڪوٽ لڳو
آهي هر شخص مارئيءَ وانگر

اوچتو ٿئي اداس پيي خوش پيي
دل بہ آهي تہ ڪنهن ڇريءَ وانگر

ڪي تہ اهڙا بہ جن ڪان ٿئي اڪثر
دوستي سا بہ دشمنيءَ وانگر

هر طرف ڪان اچن پيا طالب
مست هرڪو هتي وليءَ وانگر

بيخبر آه جاڻ اونده ۾
آگهي آهي روشنيءَ وانگر

زندگيءَ جا ئي عڪس پيش ڪيم
شاعري آهي آرسيءَ وانگر

”جوش“ دل کي قرار ٿيو حاصل
خامشي آهي بندگيءَ وانگر

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ستم کيستائين جفا کيستائين
اسان کان وفا، پر يلا کيستائين

اسين دار کي پنهنجي منزل تا سمجهون
هلي تو ڏسون رهنما کيستائين

گلن کي ڏسان مکڙين ڏي نهاريان
چمن جا اِهي ڇَهچٽا کيستائين

ملي سُرڳ مون کي تڏهن هوش آيو
غمن جا هئا سلسلا کيستائين

هلڻ سان ئي وڏبو وڌڻ سان ئي رسبو
اِهي پنڌ ۾ پيچرا کيستائين

ڪَٽي جام پيو حادثن کي پڪاريان
وڏي تا وڃن حوصلا کيستائين

تيو "جوش" ڌرتيءَ تي دوزخ جو منظر
اجا ماٺ هوندو خدا کيستائين

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

زندگيءَ کي سراب ڇو سمجهان
مان حقيقت کي خواب ڇو سمجهان

ڪا ڇڱائي تہ آهي هر ڪنهن ۾
پوءِ ڪنهن کي خراب ڇو سمجهان

جيڪا تحرير مان پڙهي نہ سگهان
پنهنجي خط جو جواب ڇو سمجهان

نيٺ هيٺن جي سوڀ ٿيڻي آهہ
ڏاڍ کي ڪامياب ڇو سمجهان

عقل وارن جي چنڊ کي اي ”جوش“
عشق جو ماهتاب ڇو سمجهان.

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

مُرڪي مُرڪي نهارجي سائين
ڪُرڪي ڪُرڪي نہ گهارجي سائين

جنهن سان ويچا وڌن ۾ چاڪ چڪن
ڳاهہ اهڙي وسارجي سائين

زندگي پل هجي ڪشالن ۾
شان سان ئي گذارجي سائين

پاڻ کي جي امر ڪرڻ تو گُهرين
سَچَ تان ساهہ وارجي سائين

تون ٻين تان ڪلين انهيءَ ڪان اڳ
پاڻ ڏي ڪجهہ نهارجي سائين

”جوش“ جنهن ۾ نہ آهي همدردي
دل تہ اهڙي نہ ڏارجي سائين

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ورائي مان تو چوان دوستن جي ڳالھ ڪريو
رکي رکي ٿا اوهين دشمنن جي ڳالھ ڪريو

ڏکن جي پويان پڌون ٿا سُکن جو دور ايندو
سُکن جي آس رکي ڪا ڏکن جي ڳالھ ڪريو

اڳي تہ سيچ هئي سُوري مشاهدو هومرڻ
ڏجي ٿا هاڻ ڇو دارو رسن جي ڳالھ ڪريو

جتي ڏيئي بہ جلائڻ تي آهي پابندي
ڪري سگھو تہ انهي انجمن جي ڳالھ ڪريو

اوهان کي رنگ ۽ خوشبو جو قدر ئي ڪونهي
چُڻين ٿا خار تہ پوءِ ٿا گلن جي ڳالھ ڪريو

*اياز قادري امداد تاج ۽ حامي
ڪڏهن تہ "جوش" سان ارباب فن جي ڳالھ ڪريو.

❁

*امداد حسيني، تاج بلوچ، عطا محمد حامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ کڻيا مون دعا گهرڻ جي لاءِ
ياد هئي، سا دعا بہ وسري وئي

دوستن جون جفائون ياد آيون
دشمنن جي گلا بہ وسري وئي

مُرڪَ تنهنجي اڃا بہ ياد اٿم
توکان شايد اها بہ وسري وئي.

تنهنجي اکڙين پياريو جام اهڙو
ميڪدي جي فضا بہ وسري وئي

اڄ خفا "جوش" کان نہ آهين تون
توکان پنهنجي ادا بہ وسري وئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

چا ٻڌايان تہ ڪيئن گذاريم رات
جڙ تہ صدين ڪانپوءِ تي پر يات

غم خوشيءَ سان قبول ڪر اي دل
ڪين ملندي بنا ڏکن جي ڏات

لڙڪ، آهون، عذاب، بيتابي
ياد تنهنجي ڏني اِها سوغات

ڪين سک سان ڪڏهن سمهي سگهندين
جهوپڙا ڍاهي تو اڏين محلات

عشق جو تيو ازل کان هي دستور
سوڀ اُن جي تئي تو جيڪو مات

تنهنجي درجو فقير آهي سچ
روشني جي وني پيو خيرات

آهي ساقي نہ مي نہ ميخانو
جوش گذري بہ ڪيئن سهائي رت

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي  خراب حال ۾ شايد ڪمي هئي
مونکي ڏسي ٻه توکي خوشي ڪانہ ٿي هئي

هئي منهنجي بيوسي يا سنڌ ۾ بيرخي هئي
تو وٽ وهڻ جي جاءِ نہ مونکي ملي هئي

ڪنهن جي وفا جي ذڪر تي ڳوڙها ڳڙي پيا
ڪا ڳالهہ منهنجي توکي ٻه دل سان لڳي هئي

مڪڙيءَ جي مُرڪ,لات پکين جي, گلن جو واس
سڀ ها, تڏهن ٻه باغ ۾ تنهنجي ڪمي هئي

ڪيڏو نہ هُو اڏول هو پنهنجي اصول تي
سقراط لاءِ موت نئين زندگي هئي

اي "جوش" زندگي جي ڏنا سورمون اُهي
مُرڪي ڪيم بيان اِها شاعري هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

خفا آهي ٻہ ڇو مونکان زمانو
ٻڌايو مون فقط پنهنجو فسانو

تصور جي افق تي برق چمڪي
ڪيم پئي ياد پنهنجو آشيانو

خبر ناهي تہ هُن دنيا ۾ڇاهي
هي دنيا حادثن جو ڪارخانو

جدائيءَ جا تيا ڪيئي بهانا
مِلڻ جو ڪو مليو توکي بهانو

اسان جڳ ۾ ڪيو واپار غم جو
لُٽائي جوش لڙڪن جو خزانو

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کجهہ ڪناين سان ڪجهہ اشارن سان
شعر سونهي ٿو استعارن سان

عقلمندن جي ڏس تہ ڏاڍائي
دشمني سان بہ دلفگارن سان

لڙڪ منهنجا نہ رائيگان ويندا
باهہ لڳندي انهن شرارن سان

ڇو وسائين ٿو تون چراغن کي
چنڊ سهڻو لڳي ٿو تارن سان

وقت تن کي ڇڏي نٿو اي جوش
ظلم ڪن ٿا جي درد وارن سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

دل جي آهي هي تقاضا وک وڌائيندا هلو
ڪاڇي رنڊڪ ته رنڊڪ کي هٽائيندا هلو

سوچ تي پهرو خيالن تي نظرداري هجي
اهڙي محفل جي چراغن کي وسائيندا هلو

بيخبر آهي اڃا هو پنهنجي منزل کان اڃا
خضر کي پڻ همسفر پنهنجو بڻائيندا هلو

درد سان ئي زندگيءَ جو لطف آهي دوستو
غم ڏئي مونکي خوشي منهنجي وڌائيندا هلو

ڇا ٿيو در ميڪدي جو بند آهي دوستو
خون کي مي دل کي پيمانو بڻائينداهلو

جوش کي تصوير جو هڪ رخ نه ڏيکاريو اوهين
داد جي ڏيو تا ته خاميون پڻ ٻڌائيندا هلو

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانکي پنهنجي جنون تي جي اعتبار هجي
خرد تہ پاڻ خطائن تي شرمسار هجي

دعا گهرو نہ اسانجي ڏکھي حياتيءَ لاءِ
پِني ونڻ کان تہ پل مختصر جمار هجي

ستم نہ کر جو تئي آہ ۾ بہ تو طوفان
نہ دل ڏکوءِ متان لڙڪ ۾ شرار هجي

وڃائي مان، ڪيو جنھن بہ پاڻ کي هلڪو
وجود اُنَ جو نگاهن تي ڇو نہ بارهجي

روايتن جي بتن کي پڇي بہ ڪيئن تو سگھي
اهو جو پاڻ ئي ڪنھن وهم جو شڪار هجي

مشاعري ۾ نہ تيو جوش جنھن تي داد نصيب
اهو غزل ئي متان منهنجو شاهڪار هجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

هِتي صليب ڏسان تو هُتي بہ دار آهي
چَون تا ديس جو ماحول سازگار آهي

ٻڌون پيا تہ خزان جو زمانو ختم ٿيو
چمن اداس تو ڏسجي عجب بهار آهي

زمانو آهي ڏيون ڪنهن کي ڏوھہ اي ساٿي
اهو فريب تو ڏي جنهن تي اعتبار آهي

اسين تہ لڙڪ لڪائڻ جي لاءِ مرڪون ٿا
اسانجي مرڪ اوهانکي ڇو ناگوار آهي

جتي اسانجي وفائن جي آزمائش هئي
اتي اوهانجي جفائن جو يادگار آهي

ڏئي وڃي تو دلاسن جي اوٽ غم بہ نوان
مڃان بہ ڪيئن تہ اهو منهنجو غمگسار آهي

جڏهن تہ ڪنهنجي اچڻ جي اميد ناهي جوش
تہ پوءِ پلا ڪنهنجو انتظار آهي

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو نهاريو ستم بہ ياد آيو
چا چوان مان ڪرم بہ ياد آيو

منهنجا ڳوڙها خوشيءَ جا ڳوڙها هئا
تنهنجي مرڪڻ تي غم بہ ياد آيو

دار ڏي جنهن وڌايو پنهنجو قدم
تنهنجو نقش قدم بہ ياد آيو

تون نہ آئين تہ هوندي مجبوري
مونکي تنهنجو قسم بہ ياد آيو

مان جڏهن پيو ڪِليس تڏهن مونکي
ڪنهن جو غم ۽ الم بہ ياد آيو

زندگيءَ جي اداس راهن تي
زلف جو پيچ و خم بہ ياد آيو

ڪنهن جي محفل مان جوش نڪتو هو
ڪيس باغ اِرَم بہ ياد آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

ايڏو جذبو پرواني ۾
جان ڏنائين نذراني ۾

مي ته پيارين روز تو ساقي
ڏي چاندوڪي پيماني ۾

تنهنجي غم سان آهي رونق
منهنجي دل جي ويراني ۾

وحشت، بيتابي، خاموشي
دنيا آهي ديواني ۾

دير وحرم کان اڳتي هوندو
"جوش" ڪي ڳوليو ميخاني ۾

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

نہ دير وحرم کان نڪي گلرخن کان
سڏي زندگي پيئي دار و رسن کان

جتي شمع کي چنڊ چوندي نہ هڪن
پري کان ئي پاسو انهي انجمن کان

گلن سان تعلق نہ مکڙين سان ناتو
چمن ۾ رهي ڏور ايڏو چمن کان

اوهين ڪيئن بہ سمجهو ڪڏهن تي پوي تي
جفا دوستن کان وفا دشمنن کان

محبت ۾ اهڙي بہ منزل اچي ٿي
جتي دل کي راحت ملي ٿي غمن کان

اوهين ”جوش“ کي داد ڏيو تا تڏهن پيي
اچا مطمئن ناہ هُو پنهنجي فن کان

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمن کي پنھنجي ڇو دنيا تي آشڪار ڪريون
ڪو دردمند هجي جنھن سان ڪا پچار ڪريون

ٻڌايون راز تا جنھن کي سو تي پوي تو رقيب
گمان ڪنھن تي ڪريون ڪنھن تي اعتبار ڪريون

سفر جو عزم تہ ڏس ڪيئن نہ راهہ تي ويھي
اُڪير مان پيا منزل جو انتظار ڪريون

اسان لئہ ٻيو بہ ڪو روز حساب ايندو ڇا؟
ٽئي تي رات، ستارن جو تا شمار ڪريون

چمن اداس، فضا سرد، بلبلون خاموش
ٻيا چمن ۾ ڪو هنگامۂ بهار ڪريون

رهون تا جوش اچا بيخودي جي عالم ۾
اچي جي هوش تہ اندازه خمار ڪريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Soorih Mirani

کليم طور نہ آهي هي آهي ميخانو
هِتي تہ رند خدا سان ٿو هم ڪلام ٿئي

نقاب رخ تان ڪڇي ٿو وري ڪري ٿو پوي
ڪڏهن ٿو صبح ٿئي ۽ ڪڏهن ٿي شام ٿئي

جهڪي نہ جبر جي آڏو ڏڪي نہ ڏاڍ ڪان جو
اُهوئي پنهنجي زماني جو ٿو امام ٿئي

لڪي لڪي چو اوهين پنهنجا سُور سارئو ٿا
هي غم عوام جو آهي ڀلي تہ عام ٿئي

ڀين جي لاءِ ڦٽائي جو ننڊ پنهنجي جوش
نصيب انَ ڪي ستارن جو ٿو مقام ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

آهي دنيا ۾ ڇا ۽ ڇا ناهي
ڪو محبت کان آشنا ناهي

ڪو بہ منصور ملڪ ۾ ڪونهي
تنهن ڪري حق جي صدا ناهي

بک، بيروزگاري، محرومي
ڇا غريبن جو ڪو خدا ناهي

پارسائيءَ تي جنهنکي ناز آهي
سو خطا ڀي ڪري خطا ناهي

علم آهي اٿاهہ سمنڊ جيان
هن سفر جي ڪا انتها ناهي

درد ئي درد جو علاج هجي
تنهنجي گهائل جي ڪا دوا ناهي

ڪاتہ شوخي هجي بهاريءَ ۾
باغ ۾ چو اُها فضا ناهي

عشق ئي زندگيءَ جو حاصل آهہ
پو وڇوڙو تہ ڪا سزا ناهي

قافلو راه تان ويو ڀٽڪي
جوش ڇا ڪوبہ رهنما ناهي؟

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٭

هي عجب شهر جتي ناهي ڪو هڪ ديوانو
ڪو تماشو ئي سردار نہ آهي يارو

ڪوڙ جي ڏوڙ ۾ ڪائي جا ٽڪر پيا ڳوليون
ماڻڪن جو ڪو طلبگار نہ آهي يارو

ڏر تتي آهي تہ پوءِ ڇا هي هلو منزل ڏي
زندگي سايہء ديوار نہ آهي يارو

هرڪو پئسي تي وڪامي ٿو وڏيرو نہ هجي
ڪو بہ عزت جو طلبگار نہ آهي يارو

ڇو سياست کي بہ واپار چون ٿا ماڻهو
توڻي ظاهر ۾ تہ واپار نہ آهي يارو

ملڪ ڇو آهي غريبيءَ جي ڏيڇ ۾ قاتل
حاڪمن کي ڪا سماچار نہ آهي يارو

جوش جي لاءِ دعائون ٿا گهرو صحت جون
آهي ڪو اهڙو جو بيمار نہ آهي يارو

٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد کي لادوا ڪري تہ ڏسان
عشق جي انتها ڪري تہ ڏسان.

چو هلان رهنما جي مرضيءَ تي
پاڻ کي رهنما ڪري تہ ڏسان

منهنجي تعريف تي ٿئي ٿو خفا
پاڻ پنهنجي گلا ڪري تہ ڏسان

زندگيءِ سڪون جي ڳولا
تجربو ٿيندو ها، ڪري تہ ڏسان

تنهنجي بخشش جي مون ٻڌي تعريف
مان بہ ڪائي خطا ڪري تہ ڏسان

منهنجا ساٿي سمهي پيا شايد
مان وري ڪا صدا ڪري تہ ڏسان

ميڪدي ڏي متان ويو نہ هجي
”جوش“ جي ڪا پُڇا ڪري تہ ڏسان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد سان دل کي حوصلو ڏيندو
بيقراري ڀرئي مزو ڏيندو

برق، دور خزان، قفس، صياد
منهنجو سڀ سان مقابلو ڏيندو

جام وانگر رهون ڏا گردش ۾
ساقيءَ دهر جو ڀلو ڏيندو

ڀل نظر تي لڳاءِ پابندي
دل جو دل سان ئي رابطو ڏيندو

دل خريدار نت نئين غم جي
هاڻ غمخوار منهنجو ڪو ڏيندو

تون تہ اونده جو غم نہ ڪر اي جوش
دل جي داغن سان سوجهرو ڏيندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

عشق هر حال بيوفا ناهي
حسن چا آهي جي جفا ناهي

تون خفا، جي خفا، جهان خفا
تون خفا ناهين ڪو خفا ناهي

آه مون ڪئي سين ڏنو تو ڏي
منهنجي ان ۾ تہ ڪا خطا ناهي

آرزو، ولولو، خلوص، يقين
دل جي دنيا ۾ ڏس تہ ڇا ناهي

ارتقا آهي زندگي جو اصول
ابتدا آهي انتها ناهي

جوش رڪجان خيال نيڪيءَ جو
پو خطا تي پوي خطا ناهي

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح نہ آهي شام نہ آهي
دل کي چو آرام نہ آهي

هن پريل ميخاني ۾ چو
ساقي مون لئہ جام نہ آهي

ديوانو وحشي، ويڳاڻو
مون تي هڪ الزام نہ آهي

ايڏو پاڻ بچائين چو تو
دنيا آهي دامِ نہ آءِ

جوش نتو ڏسجي عرصي کان
گم آهي گمنام نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

كافر جي ڳالهه ڪر نه مسلمان جي ڳالهه ڪر
انسان جو ذڪر عظمت انسان جي ڳالهه ڪر

مونکي خوشيءَ جي عيش جي راحت جي ڇا خبر
مونسان الم جي درد جي حرمان جي ڳالهه ڪر

فصل بهار ۾ ته ڪجي تو چمن جو سير
دور خزان ۾ ڪاته گلستان جي ڳالهه ڪر

منهنجي خراب حال تي ڪرڪين ٽٽولي
مونتي ڪلي نه منهنجي گريبان جي ڳالهه ڪر

اي جوش ناهي منهنجي گناهن جو ڪو شمار
مونسان وري ته رحمت يزدان جي ڳالهه ڪر

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي گردش روزو شب جي تنهنجو انداز نظر آهي
خفا آهين تہ شام آهي . جي مرڪين تو سحر آهي

اثر جي آه سان آهي عداوت غم نہ ڪر اي دل
نہ آهن ۾ اثر هو ۽ نہ آهن ۾ اثر آهي

حقارت سان نہ ڏس انسان تي، انسان ڪي هرگز
ڀلي مفلس هجي عزت جي لائق هر بشر آهي

ڪمال بندگي ڪان مرتبو اهڙو مليو مونکي
جتي سجدو ڪيان تو بس اتي ئي سنگ در آهي

طبيعت مضطرب، دل داغ داغ ۽ چشم خون افشان
اسانجي حال جي هن بيخبر کي ڪا خبر آهي

اسانجي راه ۾ مشڪل مقام آيو تہ ظاهر ٿيو
گهڻيئي همسفر ها پر نہ ڪوئي همسفر آهي

خدا جو فضل آهي جوش جي احباب مان هر هڪ
سخنور، صاحب نقد و نظر، اهل هنر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم ۽ گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون نياپو

رنگ ۽ نسل جي ليڪن کي مٽايون گڏجي
باھ نفرت جي جتي آھي وسايون گڏجي

هاڻ ڌرتيءَ تي ٺي دوزخ جا نظارا ٿا پسون
ڇو نہ سنسار کي گلزار بڻايون گڏجي

موھ مايا جو ، ڪپٽ، ڪوڙ حسد ۽ ڪينو
پاڻ کي ياڻ جي ڦندن کان ڇڏايون گڏجي

علم سان حلم هجي سوچ سان گڏ سچائي
اهڙو پيغام زماني کي ٻڌايون گڏجي

زندگيءَ ۾ جي اجا پوئتي آهن يارو
دل نہ لاهين، اچو تن کي وڌايون گڏجي

امن عالم جو رهي شال سدائين قائم
هي دعا آهي، اچو وک تہ وڌايون گڏجي

زندگي آهي ٻين لاءِ ٻين سان آهي
ڪو ٻڏي ٿو تہ هلي ان کي بچايون گڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي انسان ۾ الفت ۽ وفا جي خوشبو
هي بہ ڏن آهي اچو انکي وڏايون ڳڏجي

عشق جي پنڌ ۾ ايثار جو جذبو گُهرجي
عقل وارن کي هي نڪتو بہ ٻڌايون ڳڏجي

لوڀ ڪارڻ ۽ نتيجي ۾ ڪئين ڏوهہ ۽ ڏوهہ
لوڀ تي سوڀ اسين چو بہ نہ پايون ڳڏجي

سي امر جيڪي اصولن تي جبل جان آهن
تن جي عظمت جي اڳيان ڪنڌ نوايون ڳڏجي

ڪوڙ جي ڏوڙ ۾ ڪائي جا تڪر پيا ڳوليون
ماڻڪن لاءِ هلو پنڌ پڇايون ڳڏجي

”جوش“ مون لاءِ محبت جو هي مفهوم آهي
قدر انسان جو نوڙت سان وڏايون ڳڏجي

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزادي_ هڪ جذبو

آزادي ڪو نعرو ناهي
آزادي هڪ جذبو آهي

ان جذبي کي لاٽ ٻه چئجي
روشن روشن واٽ ٻه چئجي

ظلم جي ڪهري رات ڪٽي تي
آزاديءَ جي باک ڦٽي تي

سوچ تان پهرا ڏور ٿين ٿا
سور ٻه سڀ ڪافور ٿين ٿا

آزادي همت جو نالو
ايڪي ۽ الفت جو نالو

هلچل آهي منزل ناهي
آزادي ڪا محفل ناهي

جشن ملهائڻ فرض ٻه آهي
ديس جو قوم تي قرض ٻه آهي

فرض تڏهن هي پورو ٿيندو
هاري ناري سرهو ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگھارن جا سور بہ لھندا
مزدورن جا پور بہ لھندا

ڪو ايڏو مجبور نہ ھوندو
دل گھرين ڪان ڏور نہ ھوندو

ڪنھن جو ڪنھن سان وير نہ ھوندو
نيت جو ڪو ڦير نہ ھوندو

پنھنجائپ ھوندي چوڌاري
ميٺ محبت ۽ غمخواري

علم کي دولت ڄاتو ويندو
حلم کي نعمت ڄاتو ويندو

ھر ڪنھن شخص جي عزت ھوندي
محنت سان ئي عظمت ھوندي

خوشحاليءَ ڏي قدم وڌايون
ديس جو مستقبل جرڪايون

فرض تڏھن ھي پورو ٿيندو
قرض تڏھن ھي پورو ٿيندو

آزادي ڪو نعرو ناھي
آزادي ھڪ جذبو آھي

❋


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وطن جو گيت

ڳوٺ پنهنجا وسن شهر پنهنجا وڏن
اي وطن تنهنجا سنگهار سرها رهن

جشن جو ڏينهن آهي ڪا جهونگار ٿئي
چنگ چوريو ته گيتن جي گونجار ٿئي
گل ٻه آڻيو ته محفل ۾ مهڪار ٿئي
جهانجهه تي پل ته جهانگي ٻه جهونگار ڪن
اي وطن تنهنجا سنگهار سرها رهن

شهر جي هر گهٽي، ڳوٺ. واهڻ وسي
هر طرف روشني، هر طرف تازگي
زندگي اڄ خوشي ۾ ته ماپي نٿي
آهي اهڙو ته پيارو ۽ نيارو وطن
ڳوٺ پنهنجا وسن شهر پنهنجا وڏن

پاڻ ايڪو ڪري چو نه گڏجي رهون
مشڪلاتن کي منهن ڏيئي اڳتي وڌون
ديس جو ڳاٽ دنيا ۾ اوچو ڪيون
شال سائو رهي پنهنجا پيارو وطن
ڳوٺ پنهنجا وسن. شهر پنهنجا وڏن
اي وطن تنهنجا سنگهار سرها رهن

❋


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منھنجو ديس

اھو اي دوست منھنجو ديس آھي
جتي تھذيب جا فانوس روشن
محبت جا جتي موتي ٿا جرڪن

جتي شھباز سچل ۽ ڀٽائي
فقيريءَ ۾ بہ جن جي بادشاھي

اھي آھن منارا روشنيءَ جا
اھي آثار آھن زندگيءَ جا

جتي سسئي جي سورن جون پچارون
جتي سھڻيءَ جون ٻڌجن ٿيون پڪارون

جتي مارئي اڃا مجبور آھي
جتي مومل ڪان راڻو ڏور آھي

جتي پنھنجا پراوا ٿا لڳن اڄ
جتي ماڻھو بہ پاڇا ٿا لڳن اڄ

لطيفي لات سان معمور آھيون
لطيفي سوچ کان پر ڏور آھيون

اناالحق کو چوڻ وارو نہ آھي
اصولن تي بيھڻ وارو نہ آھي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ڪردار جو ڪو قدر ناهي
جتي گفتار جي واڪاڻ آهي

اچو تاريخ ۾ جهاتي ته پايون
اسين چو پنهنجي ماضيءَ کي ڀلايون

هي ٽڪري* آهي ٽڪرو آسمان جو
متان رستو اهو ٿيو ڪهڪشان جو

ڏٺو ڀنڀور، ٺٽو ڪوٽ ڏيجي
هتي اي دوست ڪڏهن زندگي هئي

ٿتل شهرن ۾ ۽ ڪتبن ۾ آهن
سبق تاريخ جا مدفن ۾ آهن

هتي تاريخ ويرانن ۾ آهي
حقيقت جڻ ته افسانن ۾ آهي

اسانکي زندگيءَ جي سوچ گهرجي
اسانکي زندگيءَ جي لوچ گهرجي

اُهائي سوچ جيڪا زندگي هئي
اُهائي لوچ جيڪا روشني هئي

تڏهن ٿي لاٽ سان ٿئي واٽ روشن
تڏهن تهذيب جا موتي ٿا جرڪن

جتي مارن جو سادو ويس آهي
اهو اي دوست منهنجو ديس آهي

❊

---

* مڪلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قائداعظم

اسان جي لاءِ تہ هو لالہ زار وانگر هو
هو ڪير هو جو اسان لئہ بهار وانگر هو

ڪڏهن هو ماڪ ڦڙن جا ڪڏهن هو شعلن جا
ڪڏهن هو ميڻ ڪڏهن هو ترار وانگر هو

غمن ڪان پاڻ بہ آجو تہ ڪين هو يارو
تڏهن بہ قوم جي لئہ غمگسار وانگر هو

هو انجمن ۾ تہ هو شمع انجمن وانگر
اٽل اصولن تي پر ڪوهسار وانگر هو

اجا وطن بہ مليو ڪين هو تڏهن پڻ هو
غريب قوم جي لئہ تاجدار وانگر هو

هو اتحاد جو نظم و يقين جو حامي
سندس وجود اسان لئہ مدار وانگر هو

وطن هي پاڪ وطن ڪنهن جو يادگار آهي
اِهوئي قائداعظم جو شاهڪار آهي

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 14_آگسٽ خوشيءَ جو ڏينهن

ملهايو جشن اسانکي مليو خوشيءَ جو ڏينهن
اسانجي سوچ کي سچائي تي وئي حاصل

اسان قدم تہ کنيو پوءِ واٽ سولي تي
اسان جي عزم و عمل سان جنون ٿيو شامل

اسان جي قوم جي تقدير ۾ خوشيءَ جو ڏينهن
يقين، نظم ۽ ايڪي سندي علامت هئي

سفر اڻانگو هو، رستو ڏکيو ۽ پنڌ پري
تڏهن بہ قوم ۾ اڳتي وڌڻ جي همت هئي

اهوئي جذبو هو قائد جو جنهن جي قوت سان
ڏسو تہ خواب کي تعبير جو لباس مليو

اسانجي لاءِ تہ هو چڙ بهار وانگر هو
چمن ۾ جنهن جي اچڻ سان گلن کي واس مليو

وطن ملي تہ ويو، پر اجا ڪٿي اي دوست
پچين تو مونکان تہ آهي اجا سفر جاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي نہ لوڀ نہ لالچ هجي نہ ظلم نہ زور
هجي وطن ۾ سڀن لاءِ شال خوشحالي

اڀوجهہ مارو وطن جن جو آهي پاڪستان
خدا ڪري تہ سِکهو ڀاڙ ڪي سَکهو سمجهن

ٻين جي لاءِ محبت ڀلي تہ گهرج هجي
اسان جي لاءِ محبت تہ هڪ عبادت آهہ

اسين چو پاڻکي نفرت جي باهہ ۾ اڇليون
جڏهن تہ ملڪ اسان لاءِ مثل جنت آهہ

اچو تہ ڍاهي ڇڏيون نفرتن جون ديوارون
اچو تہ پنهنجي مقدر کي پاڻ جرڪايون
ملهايو جشن اسانکي مليو خوشيءَ جو ڏينهن

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وطن ڏيئي ويو

ڌرتيءَ ڏونگر لتاڙي هو وطن ڏيئي ويو
ٻاٻري ڪنڊن تان هلندي هو چمن ڏيئي ويو

ڪيڏي محنت، ڪيڏي جرئت ۽ ذهانت سان وڏي
هو غريبن کي ٻہ آزاديءَ جو ڌن ڏيئي ويو

توڙ پهتو جيڪو وعدو قائداعظم ڪيو
هو سياست کي ٻہ سچائيءَ جو فن ڏيئي ويو

قائداعظم جي قربانيءَ کي ڇئجي بيمثال
پنهنجو من ۽ پنهنجون تن ۽ پنهنجو ڌن ڏيئي ويو

پنهنجي بيماريءَ کي هن ڪيڏو لڪايو لوڪ کان
پنهنجي صحت هن وڃائي پر وطن ڏيئي ويو

ملڪ ۾ قائد چيو رکجو غريبن جو خيال
راز خوشحاليءَ جو جنهن ۾ سو سخن ڏيئي ويو

شل سدا سائو ستابو ئي رهي پنهنجي چمن
شل رهي آزاد ۽ آباد هي پنهنجو وطن

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روشن ضمير فلسفي

(علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم جي ياد ۾)

علم جو آفتاب هو حلم جو ماهتاب هو
فرد نہ پر هو انجمن، باب نہ پر ڪتاب هو

شاهہ جو رازدان هو شاهہ جو ترجمان هو
فڪر ڪان آشنا هيو، شاهہ جو نڪتہ دان هو

علم جي آبرو ڪي هن سمجهيو متاع زندگي
منصف مزاج پارکو، روشن ضمير فلسفي

اهڙو حڪيم ويو رسي اهڙو خطيب ويو ڇڏي
جنهنجي وطن ڪي گهرج هئي اهڙو اديب ويو لڏي

سوچ ۾ بي بدل هيو، دلين تي نقش ويو ڇڏي
ڪيڏي نہ حُب ساڻ هو جامعہ سنڌ ويو اڏي

نوٽ: ياءُ امداد حسيني ياد ڏياريو تہ مون علامہ صاحب بابت چيل نظم پنهنجي شعري مجموعي ۾ شامل نہ ڪيو آهي. مُهراڻ جو شاعر نمبر ڪنهن دوست ڪان هٿ ڪري ڇاڻايل نظم شامل ڪري رهيو آهيان جيڪو مون قاضي صاحب جي وفات واري ڏينهن لکيو هو. هن مشوري لاءِ مان امداد حسينيءَ جو ٿورائتو آهيان. ساڳي طرح شاعر نمبر ۾ ڇپيل غزلن مان بہ ٽي شامل ڪيا اٿم. حليم جوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جا سڏڪا

سنڌ ياڳا تي وئي شاهہ جي سهڻيءَ وانگر
ڏونگرن ۾ تي هلي هاڻ سان سسئيءَ وانگر

بند ۾ آهي اجا تائين سا مارئيءَ وانگر
مان نهاريان تہ لڳي مونکي تي نوريءَ وانگر

ڇا وفائن ڪي وسارين ٿا پنهنجا مارو
پوءِ ڪاري ڪري مارين ٿا پنهنجا مارو

سنڌ ۾ باهہ ٻري تي ڪو وسائي ئي نٿو
ڪو قبيلن ۾ وڃي ٺاهہ ڪرائي ئي نٿو

ڏاڍ ڪان ڪوبہ نڌڻڪن کي بچائي ئي نٿو
پاڻ کي پاڻ جي ڦندن کان ڇڏائي ئي نٿو

قوم سان چاهہ نہ آهي تہ سياست ڇوآهہ؟
ناهي جذبو تہ بيانن ۾ هي چاهت ڇو آهہ؟

آهي مهراڻ ۾ ماڻهن جو بروحال اويار
هاڻ ٻڌجي ٿو تہ پاڻيءَ جو ٿيو ڪال او يار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ وزيرن ۾ ڪيو آهه جهجهو مال ۽ يار
بئنڪ جو قرض ڦٻائي ٿيا خوشحال ۽ يار

جنهن به ٿوڳيءَ کي ڏٺم سنڌ جو غمخوار آهي
هر منافق به غريبن جو مددگار آهي

هيڏي نقصان کانپوءِ هاڻ ته بيدار ٿيو
پاڻ ۾ قوت وجهي، ڪين ڇڄي ڏار ٿيو

پنهنجي طاقت کي سهيڙي اوهين ديوار ٿيو
ڪوڙ تي جيڪي ٽلن تن کان خبردار ٿيو

پنهنجي محنت سان اوهين سنڌ سنواريو يارو
حالتن کي به ته ڪوشش سان سڌاريو يارو.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارن جي ٻاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارن جو گيت

اچو تہ ٻارو راند رچايون
سانجهيءَ تائين ڏينهن ٻڪي تو
رات وڃي تي صبح اچي تو
وقت سان گڏجي ڊوڙ پڄايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون
علم جي لاٽ سان واٽ لهون ٿا
محنت سان منزل تي رسون ٿا
گڏجي ملڪ جو مان وڌايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون
سوئي ٻار تو نيڪ سڏائي
جيڪو واٽ تي ڏيئو جلائي
سوچ جي راهن کي جرڪايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون
پکين جهڙي پريت تي گُهرجي
اهڙي ٻارو ريت تي گهرجي
جي ٿارسن تن کي پرچايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون
علم ۾ سيئي پڙ ٿينداسين
ملڪ جو مان وڌائينداسين
اڄ تا ڳالهہ سيان جي ٻڌايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ٻار ڪي ڏسي

اي منهنجا ٻالڪ اي منهنجا پيارا جڏهن تو مرڪين ته مان تو سمجهان
ضرور باغن ۾ گل گلابي، اڇا ڪي پيلا ڪڙيا ته هوندا

ڏسي انهن کي اداس ماڻهو خوشيءَ وچان سپ ٽڙيا ته هوندا
پري ڪان آيل ڪي پؤنر ڪارا گلن ڦلن تي مڙيا ته هوندا

اي منهنجا ٻالڪ جڏهن کلين تو ته مان تو پانيان ۽ مان تو سوچيان
ته ٿوٽ ڌرتيءَ تي بادلن ڪائي مهرباني ڪئي ته هوندي

اداس ٻارن به پنهنجي ڌرتيءَ تي سائي چادر ڏٺي ته هوندي
اِهوئي مولا جو مهر جنهن کان ملي سڀن کي خوشي ته هوندي

اي منهجا معصوم پيارا ٻالڪ جڏهن تو روئين ائين لڳي تو
متان غريبن سان ويل آهي، ڪٿي ڪو تر ۾ ڏڪار آهي

متان وري مائرون روئن تيون ته ٻارڙن کي بخار آهي
پٺي اگهاڙي ۽ پيٽ بکيو ۽ دل تي ڳٽتين جو بار آهي

مون هاڻ سمجهيو تون ڇو تو مرڪين ۽ ڇو کلين تو ۽ ڇو تو روئين
پيارا ٻالڪ. نيارا ٻالڪ تون آهين سالڪ پيارا ٻالڪ

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتابن جي دنيا

مان ڪتبخاني ۾ ويجي تو وهان
علم جي شهر کي ڏسي تو اچان

آڻي مونکي ڏيو سفر ناما
مان بنا خرچ جي جهان گهمان

شاه جا بيت آيتون آهين
اهڙا آثار ۽ نشان پسان

مونکي تاريخ سان بہ دلچسپي
مان ڪلهوڙن جي دور ۾ تو وڃان

مونکي سقراط جي وڻي هيءَ ڳالهه
مان تو ڄاڻان تہ ڪجهہ نتو ڄاڻان

چنڊ گاڏيءَ ۾ سير تي نڪتس
مان خلا ڪان گهڻو پري تو وڃان

ڏس ڪتابن جو هي ڪمال اي جوش
ويٺي ويٺي تو ڪائنات پسان.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چؤستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ظاهر نہ ٿيو ڪنهن تي اهو راز آهيان
پهتو نہ ڇپن تائين سو آواز آهيان
نغما ٿا لُڇن جنهن جي تُنَل تارن ۾
اي دوست پُڇين ٿو تہ اُهو ساز آهيان

(جوش)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان محمد کي نور ڄاتو
نبيءَ جو نالو اکين سان لاتو
حضور جي زندگي محبت
انهي محبت کي ڪنهن نہ پاتو

❊

عزت پوکي عزت لڻندو
الفت پوکي الفت لڻندو
واعظ وٽ کو جادو آهي
سجدا پوکي جنت لڻندو

❊

عرش تي چنڊ ۽ تارا چمڪيا
مان تہ الله جو قائل تي ويس
ظلم ٿيندو ڏسي ڌرتيءَ تي حليم
مان وري ڪفر ڏي مائل ٿي ويس

❊

چنگ چوري نہ کو بيجل هاڻي
اهڙو کو ڪونهي جو سرڏان ڪري
حوصلو ايڏو نہ آهي ڪنهن ۾
پنهنجي قاتل کي جو مهمان ڪري

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معرفت جو مقام ڏي ساقي
غيب کان کو پيام ڏي ساقي
بيخوديءَ ۾ خدا سان ڳالهيون ڪريان
اڄ تہ ڪو اهڙو جام ڏي ساقي

❊

تڪ کي مهتڙ سان او سائين
منهن جي ڪوجهائي ڪاويندي
منهن کي ايڏو صاف ڪرين تو
من جي گدلائي ڪا ويندي

❊

پوڪ پچي وئي تارن جي
پرهہ ڦٽيءَ لابارو پيو
سڄ وڏيري جان آيو
ڪنهن جو حق ڳڙڪائي ويو

❊

ڪفر ويو چنڊ تي پهچي زاهد
تنهن جو ايمان ڪٿي پهتو آهي
توکي حيرت تہ پکي ڪيئن ٿا اڏن
ڏس تہ انسان ڪٿي پهتو آهہ

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اندر ڪان اچين جي ٻاهر
توکي دنيا نئين ملي ويندي
تون مهانڊي تي مرڪ آڻي ڏس
چؤطرف چڙ تہ روشني ٿيندي

❊

بيتن جو مطلب سمجهن ٿا
مقصد تي ويچار نٿا ڪن
صبر کي هو شمشير چون ٿا
ڪيني تي پر وار نٿا ڪن

❊

مرڪ مکڙيءَ جي کسڻ ٿو چاهين
گل کان خوشبوءِ ونڻ ٿو چاهين
ظلم اهڙو تہ نہ ڪر دستِ خزان
نرم ٻوٽا بہ پٽڻ ٿو چاهين

❊

مال ميڙڻ جي هوس ۾ يارو
تاجرن ايڏي مهانگائي ڪئي
ٿول وانگر جا نظر پئي آئي
تنهن اٿي منهنجي خريداري ڪئي

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچن کي تو ساز ڏيان
سورن کي آواز ڏيان
لفظ متان مجبور هجن
لڙکن ۾ تو راز ڏيان

❊

ڪن لفظن ۾ رنگ رچن ٿا
ڪن لفظن ۾ ساز وڄن ٿا
تون سرهاڻ چوين تو جذبين
ياد ڪئين گلفام اچن ٿا

❊

غم هئا غمگسار ڪوبہ نہ هو
وقت آيو تہ يار ڪو بہ نہ هو
پنهنجا ڳوڙها اگهيم تہ ٿيو معلوم
مون سان گڏ اشڪبار ڪوبہ نہ هو!

❊

تصويرن جي خاموشيءَ ۾
جذبن جو اظهار ٿيو
رنگ ۾ ليڪا سمجهائي ويا
لفظن تي تڪرار ٿيو

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ آواز تي پوي تہ چگو
اهڙو انداز تي پوي تہ چگو
ڳالھ ظاهر بہ ٿئي خبر نہ پوي
راز جي ساز تي پوي تہ چگو

❊

مان ادب کي تہ زندگي سمجهان
زندگيءَ کي ادب چوان تہ مان
چو ڏسين ٿو عجب وچان مونکي
ڳالھ ڪا بي سبب چوان تہ مان

❊

آھ مون لاءِ مقدس تثليث
شام، ساقي، ميءِ گلفام جو جام
تون ڪڏهن منھنجي ڪليسا ۾ بہ اچ
وقت جا پوپ ڪليسا جا امام

❊

هو جڏهن مونسان گفتگو ٿو ڪري
چڻ تہ گلدستو روبرو ٿو ڪري
پيو نهاري هو منھنجي اکين ۾
پاڻ چڻ پنھنجي جستجو ٿو ڪري

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذرتيءَ مان ئي گل ٽا اپرن
دريا مان موتي ٽا نڪرن
تون پي اونده مان ٻاهر اچ
چوڏس ماٺهو ڪيئن ٽا مرڪن

❊

هرڪو هيرن ڪاڻ سڏائي
پاڻ کي ويٺو پاڻ پڏائي
ڳالهين جا سڀ حاتم آهن
وقت تي هرڪو پاند ڇڏائي

❊

اهي سبق ئي ٻيا جي ڪتاب ۾ آهن
نوان ئي باب اسانجي نصاب ۾ آهن
ڪپت ۽ ڪوڙ خوشامد. فريب ۽ رشوت
ڏسو ته انگ به ڪهڙا حساب ۾ آهن

❊

ڪو خيال آهي جنهن کي غم تو چوان
چو نه اهڙو خيال بدلايان
غم جي اونده به ختم ٿي ويندي
ڪو خوشيءَ جو ڏيئو جلايان مان

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي نگارخاني ۾
مون تہ هر ڪنهن کي اشڪبار ڏٺو
مفلسن کي تہ سزا ملڻي هئي
مون اميرن کي بيقرار ڏٺو

❊

نہ آهہ سرمايو رنگ و بو جو
چمن بہ مون جان غريب آهي
بهار ۾ جا گلن جي تاري
خزان ۾ سائي صليب آهي

❊

لفظن مان ئي راڳ ڦٽن ٿا
لفظن سان ئي ساز وڄن ٿا
سر جي وات ٿئي ٿي روشن
لفظ جڏهن چانڊاڻ ڏين ٿا

❊

ڪن لفظن مان مرڪ ڦٽي ٿي
ڪن لفظن کان سيڪ اچي ٿو
نفرت سان نفرت ٿئي حاصل
قرب ڏجي ٿو قرب ملي ٿو

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪ مان ئي تہ گل پيا اُپرن
تون بہ خاڪ آهين گلستان تي پؤ
زندگي رنگ آهي ۽ خوشبو
باغ تي پؤ يا باغبان تي پؤ

❊

دير ڪانپوءِ تہ باک ڦٽي تي
ظلم جي ڦهري رات ڪٽي تي
تيئن اي ساٿي هوريان هوريان
سورن جي زنجير ٽٽي تي

❊

ڏينهن ويو شام تي ۽ آئي رات
رات گذري تہ پوءِ تي پرڀات
زندگي آهي رقص ۾ مصروف
حادثن جي نہ آڻ وائي وات

❊

ڪنهن وٽ دنيا ڪوڙ نسورو
ڪنهن وٽ سڀ ڪجهہ مايا آهي
ڪنهن جي سوچ ۾ سون سمايل
ڪنهن کي سون جي ٻڳولا آهي

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو خلا ۾ گهمي ڦري تو سگهي
چنڊ تي ٻيءِ هلي چلي تو سگهي
سمنڊ جو سير تي پراڻي ڳالهه
ڪنهن جا ڳوڙها ٻه هو اگهي تو سگهي

❋

زندگي رنج نه راحت آهي
تنهن جي ئي سوچ جي صورت آهي
جي تو مُرڪين ته حياتي جنت
جي تو ڪُرڪين ته قيامت آهي

❋

باک ڦٽي تي سج تو ايري
هرڪو گهر جرڪي تو پوي
اڇو ته اهڙي سوچ اياريون
جنهن سان اونده ڏور ٿئي

❋

ڪنهن کي ڪو ايذاءُ رسي تو
ڪنهن جو ڪو نقصان ٿئي تو
لڙڪن جي برسات وسي تي
دل ۾ ڪو طوفان اٿي تو

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي

گهٽگهرن کي ائين اداس ڇڏي
ڪيئي بيحال آسپاس ڇڏي
نيٺ دنيا ۾ پنهنجو واس ڇڏي
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي

ملڪ ۾ آئي بي سهارن لاءِ
بي اجهن لاءِ بيوسيلن لاءِ
ڪيس احساس هو غريبن لاءِ
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي

پنهنجي مقصد کي مان ڏيئي وئي
ملڪ کي پنهنجي جان ڏيئي وئي
درد جو داستان ڏيئي وئي
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book